

روشنيءَ
جي
تلاش

روشنيءَ جي تلاش



ايم. ڪمل

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

عنوان روشنيءَ جي تلاش
شاعر ايم.ڪمل
بلاڪ نمبر- سي- 540،
وينس سئنيما جي پليان،
اُلهاس نگر 421 004
فون- 022-252 9283
سال 2004
قيمت Rs. 80.
ڪاپيون 500
چپيندڙ مولچند نهالاڻي
سنڌو ڌارا ،
A-11، چترپتي سوسائٽي،
سادُواسواڻي نگر. ٿاڻي (ايسٹ) 400 603



Title: ROSHNI JI TALASH.
Auther: M.KAMAL.
Block NO: C-540, Behind Venus Cinema,
ULHAS NAGAR 421 004.
Tel: 0251-2529283.
All rights reserved by Poet .
Year: 2004.
Copies. 500.
Price Rs. 80/-
Cover : Shri Rochal P. Nagwani.
Publisher: SINDHU DHARA.
Mulchand Nihalani
A-11, Chhatrapati Society,
Sadhu Vaswani Nagar,
THANE [E] 400 603.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پيش لفظ

مان ايم.ڪمل صاحب جون رچنائون جُدا جُدا اَدبي رَسالن ۾، وقت بہ وقت پڙهندو رهيو آهيان. وقت جي وِڻي پوڻ سان ، سندس رچنائن ۾ پيش ڪيل ويچارن/ خيالن جو نقشو ياد رهي ٿو، مگر ان جو لهجو ۽ دلڪش بيان، سو چڱيءَ طرح ياد نٿو رهي.

اِهو نتيجو آهي ڪنهن اعليٰ شاعر جو ڪلام، اَلڳ اَلڳ پرچن ۾ ؛ دير دير سان پڙهڻ جو خيال آيو. چو تہ ، شاعر جا اعليٰ غور طلب نُڪتا هڪ جاءِ جمع ڪري ، ڪتاب جي صورت ۾ پيش ڪجن، جيئن هن جو فڪري ۽ فني جوهرجي چمڪ ڇٽي ٿي بهي ؛ سندس ڪلام جو دير پا اثر اُجاگر ٿي بهي-راءِ بيني تہ، جيئن سڀ ئي نيون ڪويتائون ؛ دائريءَ جا ورق ، ڇپايا تہ اهڙا بہ ڪتاب ٿيندا، ان ڪري، تمام سڪتيءَ سان، هن جي سورهن شعري مجموعن مان، چونڊي رچنائون ڪڍجن-

هنن رچنائن جي چوڻ خود ايم. ڪمل صاحب ڪئي آهي-

مونکي پَڪ آهي، تہ پياسي پالڪ کي انهن مان ، هن کي سُکون ۽ دل ۽ دماغ کي راحت حاصل ٿيندي.

مان لعل پشپ جو شڪر گذار آهيان جنهن ٿوري وقت ۾ هن ڪتاب جو مُهاڳ لکي ڏيڻ جي عنايت ڪئي.

مولچند نهالاڻي.

25-12-2004

ٽاٽا (اوپر).

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مُهاڳ

هي ۽ مُهاڳ معرفت مهاڳ تي مارَ آهي
مهاڳ لکڻ منهن کاري ڪرڻ

لکيل هٿ کي گند گپ سان ڀرڻ
مون شروع کان پرهيز ڪئي آهي

وشواس اوشواس' منهنجي پهرين ڪتاب جا مهاڳ گوبند مالهي۽ ۽ موهن ڪلپنا لکياجنهن کي اڄ ۴۶ سال ٿيا. پنهنجن ڪتابن تي پاڻ مهاڳ لکڻ بہ چڏو پاڏو رهيو آهي. ٻين جي ڪتاب تي مهاڳ لکڻ کان 'نہ' ڪئي الائين، چڏي پاڏي کي چڏي، گهڻن دوستن کي ناراض ڪيو الائين. 'نہ' جا سبب هوندا، صفا چٽا نہ رهيا آهن. پر تازو فرينچ فيلسوفي جيڪ ديريدا جو ' آف گرئمٽالاجي' (آنوادگا: گياتري چوڌري سپيوڪ) جي مهاڳ منهنجي 'نہ' جا گهٽا ، جيڪڏهن سڀ نہ ته، مونجهارا دوُر ڪيا.

ديريدا جي 'نہ' آنوادگا ٻڌائي ٿي، هيگل معرفت آئي آهي.هيگل پنهنجي ڪتاب ۾ پنهنجي لکيل مهاڳ تي پاڻ ئي مارو ڪري ڏو. ان جا بنيادي سبب فيلسوفي۽ ۾ ڳولهي ڏو، جن جي هٿ اُپٽار ڪرڻ اجائي آهي جو سنڊي ليڪ ان وشيہ ڪان پري رهيا آهن. جن اوري رهڻ جي ٻڌ پڏان ڪئي آهي خاص جيڪ ديريدا جي نسبت ۾، جيئن ڏهلي۽ جو هڪ ڳڙو گنجو شيطان، جنهن محض مذڪور ڪتاب‌بدران اُنجو مهاڳ پڙهي ديريدا جو پنهنجي دماغ تي، ايڏو وڏو پوت وڏو آهي جو مونکي ڊپ آهي ته رنڊڪي جو نلکو چپو ٿي پوندس ته پلمبر کي گهرائڻ بدران ان کي درست ڪرڻ لاءِ ديريدا جو ڪو نہ ڪو سڌانت استعمال ڪندو، هن کان علاوہ، فقط هڪ ٻئي ، هيري شيوڪاڻي۽ وري، پنهنجي ڪيهن سالن کان مري ويل نقاد کي جيئرو ڪرڻ واسطي، تازو، محض مهاڳ پڙهي اُن ۾ سڀ علاج

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڳولهي لڌا آهن! ملان وري، پنهنجي 'هئڊ' کي ثابت ڪرڻ واسطي هن نهايت ئي بدترين ڪتابن جا محاڪ لکيا آهن !

شيوڪالي محاڪ هندي، ماڻ هتا ڪتان پڙهي لکي ڏو ته ڏڙي ڳنجي شيطان ديريدا کي سمجهيو ئي نه آهي. ايم.ڪمل جي غزل جي هڪ بيت ' چڳون چڳون پل هرن نا ' تي لکيل منهنجي تنقيد تي الزام وڌي ڏو ، اُها ديريدا جي سڌانت تي لکيل ناڪام ڪوشش آهي، اهو چاڻندي به ته اها تنقيد لکڻ وقت مون ديريدا جو نالو به نه ٻڌو هو ! پر چاڪاڻ ته منهنجي، تنقيد تي الزام وڌڻ وقت مون ديريدا جي نالي ٻڌڻ کان اڳتي مذڪور ڪتاب جو محض محاڪ پڙهيو هو، شيوڪالي، وانگر، تنهنڪري پنهنجي شيخي ڏيکارڻ لاءِ چوڻ ڏو چاهي ته سڌي تنقيد ۾ ديردا کي فقط هن اڪيلي ئي سمجهيو آهي!

سڌي تنقيد جو هاڏوڪو حشر اهو آهي، جيڪو جملي ساهت سان آهي، ٻُڌان ڏياربندڙ گراوٽ.

چريا ڪريا، ڪهڙ ڪهر،ڪانوَ بڌجي شيوڪالي، کي لونگا هڻن لا جنهن لاءِ جوابدار سيمينارن ۾ هن جي شرڪت ، باهران مڙهيل موضوع آهن جن کان باهر هن پنهنجي چوندڙ موضوع جي خير ڪا چوند ڪئي.

زمانو هو، جو ڪنهن به ليکڪ تي اُڇاتري تنقيد لينڊي ڪئي ته، ٻيا ليکڪ باهر نڪري اُن تي لکندا هئا. اڄ ايم. ڪمل جهڙي برجستي شاعر تي ساڳيو گڙو گنجو شيطان هن طرح جي تنقيد لکي ڏو 'ايم.ڪمل' ڳلي ٻڪوي جو شاعر آهي ، زندگي، جو ٻيو پاسو به آهي، خوبصورت، جنهنتي شاعر نه لکيو آهي... ' جنهنجو مطلب ته موضوع جي چوڌ شيطان مقرر ڪري ڏو ، شاعرن ملان مڙهي ڏو جيڪو لڇڻ ترقي پسند تنقيد جو هو.

هيگل ، ديريدا جا دليل،

ڪتاب پهرين آهي.

محاڪ ٻوءِ آهي.

جيتوڻيڪ ڇاپو ڪتاب کان پهريون ويندو آهي.

مطلب ڪتاب پي! آهي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

وڏو.
مھاڳ پُٽ آھي.
ننڍو.
ڪتاب مان مھاڳ ۾ فقط ڪي چوٽڊ پھلو ڪنيا وڃن تا
تفصيلن کي پري ڪري
ھين لفظن ۾ ڪتاب سان ناحق-ناانصافي.

مون ايم.ڪمل جي ' چوٽڊ غزل ' جو مھاڳ لکيو، وري ھن ڪتاب جو لکي رھيو آھيان. جنھن جو مطلب آھي، ھن سالن ۾ ٻہ دفعا پنھنجو منھن کارو ڪيو اٿم.

؛ پوءِ مان جيڪر سرگواسي نارائڻ شيام، ھريش واسواڻيءَ، ايم.ڪمل، ارجن حاسد ؛ سنڌيءَ جي اُنھن ٿورن سُڻن شاعرن ۾ تازو شمار ڪيل واسديو موھي جي ڪوتا سنگرھ جا مھاڳ لکڻ چاھيان ھا. نالا اِن ڪري ڪٽيا اٿم جو ورھاڱي کان پوءِ اِھي ئي ٿورا شاعر پيدا ٿيا آھن. سنڌ جي شاعرن ۾ مون فقط شيخ اَياز، تنوير عباسي، امداد حسيني کي پڙھيو آھي، جن مان پھريان ٻہ فقط ميڊياڪر شاعر آھن ؛ مان فقط امداد حسينيءَ کي ھتان جي مڙين شاعرن ۾ شمار ڪيان ٿو ؛ تازو جڏھن امداد حسيني ھت ممبئيءَ ۾ آيو تہ مون ھن جي نڪرندڙ ڪوتا سنگرھ جي مھاڳ لکڻ کان 'نہ' نہ ڪئي.

ھونئن عام طور، اسان وٽ ارجن شاد، پريمُ وفا، ڪرشن راھي ؛ موتي پرڪاش کي ٻہ سُڻا شاعر مڃيو ويو آھي. منھنجي جاچنا ۾ ھن کي پڙھڻ بنا، يا ھن کي ڏاڪن کان ھڪوار وري پڙھڻ بنا.

۱۹۶۰ جي اِرد گِرد، سنڌي تنقيد، پھريو پيرو وجود ۾ آئي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اِن کان اَول، علمِ عروج، دڪشنريءَ موجب تز سنڌي اکرن جي معنيٰ ۽ ترقي پسندن جي انگن اکرن تائين محدود رهي.
جيتوڻيڪ هيري شيوڪاڻيءَ جي مالهيءَ جي ناولن تي تازگي ڪٽي آئي، پر هن ۽ هريش جي تنقيد فقط ڪهاڻيءَ تائين محدود رهي. اِنهيءَ اِتفاق، ترقي پسندن جي پنهنجن مڃين شاعرن کي وڏو درجو ڏنو جنهنجي هو هرگز لائق نه هئا، ۽ اڄ به نڪما شاعر رهجي ويا.

مهاڳ تنقيد نه آهي.

۽ پوءِ به مهاڳ تنقيد جي ڪتب جو پاتي آهي.
سواءِ انهن مهاڳن جي، جن جي لکندڙن انکي پاڻ لاءِ هڪ وڏي اهميت سمجهي ڪتاب مان هيرا جواهر ڪڍي ڌڻ ڪيا آهن، يا ماسٽري پيشي مان ايندي، محض بي طرفدار ثابت ڪرڻ لاءِ، توڙن رکڻ سانگي، چار چڱيون-چار لڌيون هالهيون ٻڌايون آهن.

۽ سنڌيءَ ۾ گهڻا نقاد ماسٽري پيشي مان نڪتا آهن، رٽائر ٿيڻ ڪانپوءِ به شڪريا نه آهن.

ايم.ڪمل جي هن ڪوتا سنگرهه ۾ هڪ بند:
لفظ ڏاڍا ضدي آهن
منهنجي مُٺي ڪانپوءِ معنيٰ ڪڍندا
ماڻ جيڪر انهيءَ بند تي سنگرهه جيترا صفحا سنگرهه جي اڀياس وجهڻ چاهيان....

لعل پشپ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پيش لفظ

مان ايم.ڪمل صاحب جون رچنائون پِن پِن اَدبي رسالن ۾، وقت بہ وقتپڙهندو رهيو آهيان. وقت جي وِڻي پوڻ سان ، سندس رچنائن ۾ پيش ڪيل ويچارن/ خيالن جو نقشہ ياد رهي ٿو، مگر ان جو لهجو ، دلڪش بيان، سو ڇڻيءَ طرح ياد نٿو رهي.

اِهو نتيجو آهي ڪنهن اعليٰ شاعر جو ڪلام، اَڻپ اَڻپرچن ۾ ، دير دير سان پڙهڻ جو خيال آيو. ڇو تہ ، شاعر جا اعليٰ غور طلب نُڪتا هڪ جاءِ جمع ڪري ، ڪتاب جي صورت ۾ پيش ڪجن، جيئن هن جو فڪري ، فني جوهرجي چمڪ ڇٽي ٿي بهي ، سندس ڪلام جو دير پا اثر اُجاگر ٿي بهي- راهِ بيلي تہ، جيئن سڀ ئي نيون ڪويتائون ، ڊائريءَ جا ورق ، ڇپايا تہ اهڙا بہ ڪتاب ٿيندا، ان ڪري، تمام سختيءَ سان، هن جي سورهن شعري مجموعن مان، چونڊي رچنائون ڪڍجن-

هنن رچنائن جي چوڻ خود ايم. ڪمل صاحب ڪئي آهي- مونکي پَڪ آهي، تہ فڪي پاڻ کي انهن مان ، هن کي شري سُکوُن ، دل ، دماغ کي راحت حاصل ٿيندي.

مان لعل پشپ جو شڪر گذار آهيان جنهن ٿوري وقت ۾ هن صاحب جو مُهاڀ لکي ڏيڻ جي گواري ڪئي.

مولچند نهالاڻي. ڪاٽا (اوپر). 25-12-2004

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

منهنجيءَ
اُ هڪليءَ جي ريکائن جي
بازار ۾
آڻائي ڇاڇا رکيل آهي،
مگر،
تنهنجي خريد لائق
کا ڇيز کانهي
شايد-

□

فنا جي سرحد تي آهيان
غم ڇاڇو
بقا
جي تمنا نه هئم،
آفسوس-
بس اِهو آهي
ڪنهن منهنجو
فنا جو طريقو
نه ڏٺو، نه سمجهيو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سنمان

سالن کان
اُس ۾ سڙندڙ درخت
خاموش رهي
آخر دانهن ڪئي
”ڪنهن ۾
راهگير،
ڪو پَلُ،
هتي ويهي،
ٿڪ پاڻيمنهنجيءَ ڇانوَ جو
سَنمان نم ڪيو .“

□□□

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اُنهن کان پڇم
هوُ،
ڪٽي ملندو
جِن کي،
يقين هڻو.
هوُ
آهي ئي ڪين
تہ هي سارو شور،
هنگامو-سجاوٽون،
اِنهيءَ لاءِ
جو،
آهي ئي ڪين؟!
□

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

منهنجي حد

مان تہ پنهنجي گهر جو رهواسي آهيان
توکي اگر
اهو ڏسڻ نامڪمل ٿو لڳي
تہ مان گهٽيءَ جي ناوَ سان پاڻ ڳنڍيان ٿو،
جي اڃا بہ،
وستار طلبيندين،
تہ وڃ هر وڃ،
پاڻ کي شهر سان وابستہ ڪري سگهان ٿو.
؛ بس،
اِنهيءَ کان ٻاهر،
منهنجو وَجوُد ئي ڪونهي.

ڪتو اڃا ڇو ٿو ڀونڪي
هاڻي تہ
ڪڌهن جو لنگهي ويو
ٻوءِ
ڪتو.
اڃا ڇو ٿو ڀونڪي

□□□

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

خوُن ۽ مِٽي

آول تہ خوُن،
آکين ۾ ايندو ڪونهي.
جي ايندو آهي،
تہ پَلڪن جون حدوُن ٽپندو ڪونهي.
جي پلڪن کي اورانگهي ٻي آيو
تہ،
پٽ تي ڪرندو ڪونهي.
ڳلن تي سُڪي ويندو آ.
جي ڳل،
لتاڙي ٻي آيو، تہ پٽ تي ڪِريِ،
مِٽيءَ ۾ ملندو ڪونهي،
مِٽيءَ کي رنگي ڇڏيندو آ.
جو،
خوُن اڳي پوءِ خون آ،
ڪنهنجو يہ هجي،
ڪٽي يہ ڪري.

□□□

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جلسو

ڪنهن خيال کي سَنِمان ڏيڻ لاءِ
چند جملا گڏ ڪيا ...
اُنهن مان ،
ڪِن معنيٰ جي اندر ڀالهايو
ڪن معنيٰ کان ٻاهر.

ڪِن ،
خيال جي شان ۾
گنهيڑ ڪوڙ ڀالهايا

ڪِن ،
ڪوڙ تي شانائتو ڀالهايو.
جلسو ڪامياب ويو.

جو .....
ڪُنڊڙ ٿوڙا هئا.

□□□

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

نا ڪاميابي

پاڻ کي ڳولهي
ڪڏهن بيهارڙ جي ناڪاميابي
مون ۾
پاڙون ڪري ويئي
حيرتن
هر موڙ تي،
مونکي ڳولهي لڏو آهي
(منهنجو نصيب ڦٽڪور آهي)
سوچ-
مون کي وڻ ڪري بيهاري ڇڏيو،
مان،
يَوَن سان ڀڄندو ويس.
وقت،
مون کي ڪاٽيندو رهيو
هر پَلَ
مان پَنُ پَنُ ٿي
ڇڄندو رهيُس.
جَڙجندو رهيس.
ڇُڄندو رهيس.

□□□

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

لطف

درد جو لطف
تڏهن آه
جڏهن
ڪو پنهنجو ئي
توکي،
پليان ڇُرو هڻي.

تنهنجي وار ڪرڻ جي قوت کي
حيرت ڀِڻي وڃي

لوڪن جون
هزارين تياسي نِگاهون
توکي گهيري وڃن

گهاوَ تي
هٿ رکي
تون مُرڪڻ تي مجبوُر ٿي وڃين
درد جو لطف
تڏهن آه،
جڏهن ....

□□□

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جواب جي تلاش

تهذيب ۽ تمدن جي وچ ۾ بيٺو آهيان
ڪوڙيءَ ڪوڙي ڏهن سان، هڪ خاليپڻو ڪٽي.
مون تي اِتهاس جا گهاوَ آهن.
هر گهاوَ جو اِتهاس آهي
منهنجن گهاوَن جي سماڌيءَ تي
پنهنجن سَپنن تي رُنو آهي
پنهنجي ڇُڪهه ڇُڪهه وَجوُد سان
بي جَتي گهر ۾ شرنارتي آهيان-
جنهن جي ٻاهران
هر ٻِٽ جي مالڪپڻي جي حق تي
جنگ جاري آ.
اِن سوال جي جواب جي تلاش ۾
چهري جو رنگ اُڏندو ٿو وڃي
جو ڪڏهن،
ڪو ديوارن مان اوچتو ئي اندر ڪهڙي
اچي پُڇندو-
”تون ڪير “ ؟

□□□

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پاڪر

مان ۽ آواز جي وچ ۾ بيلو آهيان
ڪجهه به،
مُڪمل نہ چئي سگهڻ جي درد سان
۽ ڪجهه ڪجهه،
چوڻ جو پڇتاءُ ڪڻي
موڙ ئي موڙ،
زندگيءَ جون راهون اهڙيون آهن.
گهيرا ئي گهيرا،
رِشتن چون هانهون اهڙيون آهن.
مون، صلح چاهيو آ،
هي ۽ جَنگ جو بُنياد نہ.
ڏسو ڏسو،
مون وٽ
واڳهه نَڪ ڪونهي،
مون کي،
اَفضل خان جو پاڪر نہ پايو.

□□□

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

صلاح

وقت،
صبر جي صلاح ڏني آ.
صبر،
وقت جي،
اِنهن ٻنهي جي وچ ۾
منهنجو وَجوُد
طوفان جي ريت جان
ڏهلجي ويو آهي.
هڪ اِتهاس جو واءُ
کيس پکيڙي ويو آ
ٻيو اِتهاس جو واءُ
کيس سميٽي هڪ جاءِ ڪندو .. ؟
وقت،
صبر جي صلاح ڏني آ.
صبر،
وقت جي.

□□□

مان ”کجھ نہ ٹيڻ“ جي ٽيڻيءَ مان گڏري رهيو رهيو هوس

ء تمام آٽٽيڻيون،

مون مان گڏري رهيون هيون.

مان- اُها اُڇ هئس، جو دريا پي ٽي سگهي

مان- اُهو قطرو هئس جنهن بنا،

سمنڊ آٽپوڙو هئو ،

پر صحرا جو قيد،

خشڪ هوائُن جو ڪمرو،

سڄ جي تپت جون اوڇيون ديواريون،

مون لاءِ محفوظ هيون،

مان انهن لاءِ محفوظ هئس.

اِهو فيصلو ٽي ڇُڪو هو،

مون کي .....

□□□

لفظ

لفظ،
ڏاڍا ضدي آهن.
مُنهنجي،
مُئي کانپوءِ،
ممتائون ڇڏيندا.
□□□

پرساد

مان،
زندگيءَ جي مندر جو
پرساد آهيان.
مجبوريءَ ،
مون کي عزت ۽ شَردا سان،
پنهنجي گَلي اندر اُتاريو آهي.
مان،
لڳ پڳ
وِرهائجي چُڪو آهيان.
هاڻي،
هيءَ آرتيءَ جي آرنپ تائين
صرف ڪيئن وڃندا -
پرساد نه ملندو.
□□□

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تَپَت ۽ داپ

هيلان گھرجن جي تَپَت
۽ مٽان دل جي تمناڻن جو داپ
دير چاجي آهي ،
چاڻ سيڻي وَڳي
چاڻ اَعلان ٿيو
هڏ ماس جي رڄي وڃڻ جو.
جسم ۽ روُح جو
هي رَچيلُ ناتُو
چاڻ ختم ٿيو.
زندگيءَ جي هن ڪَکَرَ ۾
ڪنهنجي دال گَري ؟
□□□

مهمان

پَکن ۾ دل جي،
پيهي چند غم آيا جي آهن،
مگر آيل جو آدُرياءُ ڪرڻ آهي
اسان جو شان.
گھٽا ڏينهن اَڳُ خوشين پڻ هِت
سدورا پيرڙا پاتا ها،
مگر پوءِ،
ڪيترا ڏينهڙا
ٿِڪيا مهمان ؟

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

فيصلو

اِهو فيصلو ٽي چڪو هئو
مون کي چا ڏيڻو هو
مون کان چا کرائڻو هئو
اُن جا جائز سبب،
مون کي ڳولهڻا هئا،
منطقي جدوَلون،
ڪارڻ جا ڪوڙا
مون کي ياد ڪرڻا هئا.
اَهم جو انڊو نشو
معنائُن جي ڪوهيڙي ۾ پٽڪائيندو رهيو،
رَنڊ نقلي هئا،
خوشيون نقلي هنيون
هڪ-'' ڪجھ نہ '' هو،
جو اَصلي هئو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٻڌاءِ

خيال ،
جي مونکي ڇُهي اُڏڻي ويا
تِن کان،
پريشان ٿي پيس.
خواب،
جي مونکي ڏسي سمهي پيا،
تِن کان جاڳي پيس.
جسم جي ٻُک کان،
روُح جي اُڃ تائين،
زندگيءَ کي کٽيندو آهيان
وقت،
سڀ کي کسي
بي وَس ڪري ڇڏيو اٿم،
منهنجي جسم جي ٽاور ۾،
منهنجوچهرو
بي ڪنڊي گهڙيال آهي.
وقت،
جو تون مقرر ڪرين قبول آ.
ٻُڌاءِ ،
ٽهڪن جا گهٽا ٽڪاوَ هٽان؟

□□□

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

انتخاب جي جُرِيت

اوهاريل خيال کي،
منهنجي قلم کڏهن نه چُتو آ
جوڻن لَبَن کي چُمڻ،
منهنجيءَ فطرت ۾ ناهي،
پيار جي قابل
کوئي نه پائي،
مون، نفرَت کي پاليو آ.
۽، خود سان به نفرت ڪئي آ.
حالتن مون کي نه،
مون حالتن کي چوٽڏيو آه.
۽ سدائين
ووٽر وانگر، دوکو کاڏو آ،
هاڻي جڏهن مان شو ڪيس ۾ ،
ويڪوڙ شيءَ وانگر،
تو خريدار اَڳيان آهيان
نه توکي چوندس-
مون کي خريد.
مان توکي،
توسان نفرت ڪرڻ سيکاريندس
پر چا، تو ۾
جُرِيَت آه،مون کي اِنتخاب ڪرڻ جي ؟

□□□

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پُراڻين پوٽِيُن تي،
اُڏهي پَلجي ٽي.
پنهنجي عمر جي ور مان،
وَرڻي ۾ مليل
اخلاقي لاش،
پنهنجي پُٺ کي ڏيندي
ڏجان ٿو.
هو- هاڻي،
ڪڏهن بہ،
منهنجي اَڳيان،
سگريٽ ڇِڪڻ جي همٿ ڪري
۽ مونکي
پنهنجي پي۽ جي چمات ياد ڏياري
"ڪالهه جي ماپي ۾
"اَڄ" کي
ڪيئن اُتاريان مان.

□□□

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تنھنجي ۽ منھنجي،
قيمت ۾ فرق
صرف اِن ڪري آ
جو تون، وڏي دڪان جي
عاليشان شوڪيس ۾ سجايل آھين
۽،
شاندار پئڪيج ۾
گراھڪ کي ڏنو ٿو وڃين.
۽ مان، ننڍي۽ بازار جي،
ننڍڙي دڪان تان،
رواجي پني ۾ ويڙھيو،
خريدار کي وڪيو ٿو وڃان.
ورنا،
آسان جو،
ايڪس فوڪٽري آگھ،
ساڳو آھي.

□□□

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

شايد

تمام عمر جي وشواسن
مون کي کائڻ شروع ڪيو آهي.
شايد غلط چيُم.
وشواس ۽ مون
هڪ ٻئي کي کائڻ شروع ڪيو آهي.
شايد غلط چيُم.
هڪ پرم سان منهنجي يُڌ لڳي آهي.
شايد غلط چيُم.
پرم جي پرم سان يُڌ جو اَرت کهڙو،
پاڇي جو پاڇي سان اُلجهڻ جي کهڙي معنيٰ ؟
هر وشواس هڪ پرم،
هر پرم هڪ وشواس
شايد ....
نہ - شايد جو سلسلو
هت سمابت ٿيو.

□□□

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

موسمي اُداسائيِ

چانڊاڻ جي قياس جوڳي حالت آهي
چنڊ کي، دريا، ٽُکر ٽُکر ڪرڻ جي ڪمر ڪشي
لهرون- ڪنارن جي صلاح کي
ٻڌو اَڻ ٻڌو ڪري واپس
هلي وڃن ٿيون
ٻوڙت جو اِهو عالم آهي، جو
هوا پي وِڃڻو هٽي رهي آهي
درختن کي،
هلکي ٻُڌ ٻُڌ ڪرڻ جي سگهه کانهي
پرِندا پراڻا گيت ڳائيندا
نوان وڻ وسائي رهيا آهن
مگر تون - نِراس نه ٿي
ماحول تي چانيل هيءَ
موسومي اُداسائي آهي
گرج - هر هر ڦيرو ڪندي آهي
ءِ گهٽو وقت ٽِڪندي آهي
مگر - آهي موسمي هيءَ
ورهائي جيان
دائمي کانهي.

□□□□

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اسين دانشور

اسين اُهي حوصميدارار، آشاوادي آهيون
جِن کئي پيرا
پنهنجي لولي ۽ کي ليپڻ مان ڪٽي
سينگاريل آرٽي ۽ تي رکيو آهي
اسانجي همت جوکير دادُ نٽو ڏئي ؟
آرٽي ۽ سان گڏ هلندڙ هجوُم
عزت ۽ جوش سان
نعرا نمان لهجي ۾
وڏي واکي دُهرائيندا رهندا آهن
”آمر رهن - چار ڪانڊي“
شمشان جي ويجهو پهچي
وري احترام سان
لولي ۽ کي پيهر
ساڻئي ۽ جاءِ تي آٽي رکندا آهيون
۽ دل جي شَڪ جي پهاڙ تي
پٽر رکي
يقين سان اعلان ڪندا آهيون
”هي ۽ ڪڏهن به ، مرڻ جي ناهي.“

□□□

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

احساس جو زخم

اندر ۾
هڪ جاءِ بيهي وڃڻ جو احساس جو زخم
روُح ۾ گهِرو ٿيندو ٿو وڃي -
پير منهنجا
پنڌ ڪندي ڪندي ٿڪجي پيا آهن.
ذهن آ شعلا شعلا،
جذبات برف پوش.
پنهنجيءَ نابينائيءَ کي ڏسڻ لاءِ
آکيون پاڻ کي،
حد تائين پٽيل رکن ٿيون.
گهِري مات جو قصو ٻڌي،
هڪ خاموش رڙ جو حصو ٿي پيو آهيان.

□□□

بي خبري

جيڪي،
پنهنجي زندگي ۽ موٽ تي
فڪرمند آهن،
هوشمند آهن.
گهٽن کي تہ،
جيئري پنهنجي سرهواس ليڻ جي،
سُڌ پي کانهي.
□

ٽيسين - جيسين

ماڻهو،
ٽيسين خوش آهن
جيسين،
کين سُڌ نہ پيئي آهہ
نہ هنن چا وِڃايو آهي
۽ چا وِڃائي رهيا آهن.
ماڻهو،
ٽيسين اُداس آهن
جيسين
کين پَڪ نٿي آهہ
نہ هتي کجھ حاصل ٿيڻو ناهي.

□□□

تاريخ جي ڪڙي دؤر ۾

تاريخ جي ڪڙي دؤر ۾
اسان کي ،مسخرن نہ رڳاريو آهي ؟
ڪڏهن وادن جي ڏماکن سان،
ڪڏهن مذهبي شملن سان،
ڪڏهن سياسي دوڻهن سان،
اِها
مسخرن جي تاريخ آهي،
يا
تاريخ جي مسخري ؟
اسان،
سدائين،
هنن مسخرن جي سياڻپ کي قبولي
سندن سانگ سجايو ڪيو آهي.
يا
تاريخ جي مسخري
ڪٽي آهي؟

□□□

سورج جو رٿ

سورج جي رٿ جي ستن گھوڙن مان ،
ٽي اڻندھ پرست آھن
پر،
ٽورائيءَ ۾ ھڪ سبب
رٿ ڇڪڻ تي مجبور آھن
ھڪ ٻئي گھوڙي کي
پاڻ ڏي کڻڻ جي کوشش جاري اٿن.
جنھن ڏينھن
رات ٽِڪي رھندي
تہ سمجھجانءَ
تہ پنھنجيءَ کوشش ۾
ھيءَ کامياب ويا.

□□□

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

شهر جي رونق

بازار ۾ چهل پهل هئي -
گهٽن جي مُهانڊن جي وٽن تي
بهڪندڙ مُرڪن جون وَليون چڙهيل هيون
کي زرد چهرا هئا - جن تي بي پاڙي وَلِ ويڙهيل هئي،
ساڻائيءَ جي ڳئري هڙ سِرَ تي رکي
ڳُرن قدمن سان چُريا ڦِريا پئي
کي-بي حد حساس دل وارا
موسم جي بيکيفيءَ جي سوچ ۾
خران زد اُگهاڙين شاخن وانگر
لباس طلب نِگاهن سان،کڏهن ننگي آسمان ڏي،
تہ کڏهن زمين جي بي وَسيءَ کي
ڏک پريءَ حيراني ءَ سان تَکي رهيا هئا
هرکو پنهنجي پنهنجي رنگ ڍنگ سان غمگين
کي آشاوادي، ايندڙ خوشگوار رُت جي يقين سان
مسڪراهٽن سان منهن سَجائي ، هِت هُت مُرڪون اُڇلي -
پنهنجي ويساهه کي زندهه هڻڻ جي
خاطري ڏئي رهيا هئا
ڪن نِراشاوادن، کانيون کانيون ٽي ڪرڻ کي
بي معنيٰ نٽي سمجهيو
هر طرح جي رنگن ، روپن جي پوشاڪن جو،
بازار ۾ چهل پهل هئي ، شهر جي جهنگل ۾
درخت سڙ ڪري رهيا هئا.

□□□

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڊائريءَ جا ورق

مالڪو آهن - پر چهرا ڪونهن
چهرا آهن - اکيون ڪونهن
اکيو آهن - پر ديد ڪنهي
ديد آهي - پر پچاڻ ڪانهي
پچاڻ آهي - پر شعور ڪونهي
مالڪن جو هيٺ ڪِرڻ - اچرج هيڻ آهي
، ملي چڙهڻ -
محض اِتفاق - يا سازش.
□

ڪي قلم ڪار
چند پهرائون لِکي
پنهنجي زندهه هڻڻ جو
ثبوت ڇڏيندا آهن
ڪي،
سڄو پستڪ
زڃڻ بعد ئي
مُردن ۾ شُمارجا آهن.

□□□

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تازا ڪلام

هوءَ ڳائي رهي هئي
واهہ واہ جو
دريا وهي رهيو هئو
مگر
نغمو
سُرتال جي ڪُڇ لاءِ
روئي رهيو هو.

□

پنهنجن
جي هٿن ۾
تلوار ڏسي
مون ڪُسجڻ قبول ڪيو
منهنجو سارٿي،
ڪرشن نہ هئو.

□

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تازا ڪلام

حيات
هڪ ڪُنڊل شاهوڪار،
ڏڏي کان آڻُ
وياج گهري ٿي
□

لطف کان وڏ،
ماڻ جو
ٽلهه آهي
□

وقت
جلسو پسائيندو
ماڻ،
هڏ کان چڏائيندو
□

حيرت آهي
ڪي،
ٻڌجيءَ اق جاڻائيءَ تي
ٻار ڪندا آهن.
□

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

خود کي
تنهنجيءَ نِگَهه ۾
ڏسڻ جي خواهش اٿم
تون،
اَلائي ڪڏهن
صاف آئينو بڻي
اَڀيان ايندين.
□

مُرڪن ۽ ٿَڪن جو
ساهن رجسٽر ڪونہ رکيو آهي
باقي -
لُڙڪن جو حساب رکيو اٿس.
□

هر چوٽ تي رڙ ڪرڻ
منهنجي زندهه هئڻ جي نشاني آهي
هر - حقزنيءَ تي
آواز اُڇارڻ،
منهنجي فطرت.
□

ڪنڌهر پرست لوڪ
منتظر آهن
تون -
ڪٽي ڪا عمارت کڙي ڪر.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪيترا پيرا
شواس
نمان کي دَفنائي آيو،
ڪيترا پيرا،
نمان،
شواس جي چڪيا کي
ڳني ڏيئي آيو،
ر دفعي،
ان ساڻ
" زندگي سنگ هئم "
چوندو پليان ويٺس.
ر ...
ڪوئي پي ڪنهن کي،
ڪمل طرح دفنائي نه سگهيو،
وري ريت چڪيا تي ٻاڙهي ساري نه سڪهيو،
جو هر بار شمشان تان
ٽوٽندي
ون ڏئو،
نهن مان ڪ
ڦٽيي تي-جيئن جو تيئن ڪڙو هئو
سان جي آڇيان ٿا.
□

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اَجا پيو چا ڪپي ؟

هر سال
سنڌيت جو جشن ملهائيندي
پنهنجيءَ هوليءَ کي وساريندا وياسين
ڏيري ڏيري ،
اُهي ميڙ
شرڌانجليءَ جي صورت اختيار ڪندا ويا.
فاءِ اِسٽار هوٽل جي ايئرڪنڈيشن هال ۾
ڪوهرفشانيءَ جي مار ،
پنهنجي پاشڙ جو جوهر پَسايو.
ڪِن ، سُر تال کي رُخصت چئي،
سوز نما سُر ۾ ڳايو.
ڪِن، انعامن جو اَعلان ڪري،
نازيون ڪمايون.
واهه واهه خوب ٿي
اڙ ڪيا چاهيئي سنڌيت کي ليئي؟
وات مور يوٗ وانڊ؟

□□□

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

غزل

هن شعر پُر شرر هر، تي شعلو شکھين، تہ رڌ
۽ آتشين کري کو تماشو سڳھين، تہ رہ

ٻئي کي لتاڙي وڌ، يا تون خود وچ لتاڙجي
ڏاري دل ۽ جگر هتي اهڙو سڳھين، تہ رہ

خود کان ٿي ٻوٽگو ٻوڙو ٻين جي ٿي ٻڌ راہ
هت پاڻ کي ائين ڏيئي دوکو سڳھين، تہ رڌ

هر آدميءَ جي مُرڪ هر بارُڌ آ، تون پي
هت نِت نئون کري کو ڏماکو سڳھين، تہ رہ

کوڏين هر وکٽي خون جيئن ٿا هتان جا لوڪ
جي زندگيءَ تي مڙهي هي سوڌو سڳھين، تہ رہ

خود سان پي پوء ماڻ نڙو ٿئي کوهجي مڪمل
هن پيڙ هر اِئين جي اڪيلو سڳھين، تہ رہ.

□□□

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڏاڏو ۽ پوٽو

پوٽي پڇيس ،
ڏاڏي ٻڌس کان پڇيو :
بابا ،
سمنڊ جو پاڻي کارو ڇو ٿيندو آهي ؟
هڪ ڏنگ تي
سمنڊ ۾ ويٺل ڏاڏي
لڱڻهندڙ مڇيءَ کي ،
آڪ چنبي ۾ جهپي
ٻرکائيندي آکيو :
آبا -
جيسين مڇين رڙڻ بند نه ڪيو آهي ،
تيسين ،
سمنڊ جو پاڻي کارو رهندو .

□□□

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تون ....

ون
ابتن تان اُتريِ آڇ
ان
ساوڪن جو سات ڇڏيان .
ا،
سلف مان
هندڙ درياهه ڪيون.
اسان جي سوچ مان شرمائ
ڏڏهڪو لڏي وَئي آ
هائي تہ بدبوءِ ۾
دم گھنجڻ لڳو آ.
اڇ تہ ،
وهنجي خوشبوئدار ٿيون
سُر ڪلياڻ جي گھاٽ تان گھرون
سُر پرياتي جي ساحل تي لھون.
تون
آبلن تان اُتريِ آ
مان
....
....

□□□

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هڪ هو ڪُتو- فقير جو.
هي، فقير جو ڪتو،
اُن جي اَڳيان پڇ لوڏيندو هو.
جي فقير کي ڪ ڏيندو هو،
اُن کي ڏاڙهيندو هو،
جنهن کي فقير لٽ اولاريندو هو.
هي ڪتو،
پنهنجي ذات سان نِباهيندو هو.
هڪ ڏينهن فقير،
شهر جي ٽِرئفِڪ جا،
آداب اورانگهي،
پنهنجي ڏُن ۾ رستو پار ڪندي
هن جَهان کي ئي ڪري پار ويو.
يعني رستي کي،
پنهنجي لَهوءَ سان لال ڪندي،
حادثي جو ٿي شڪار ويو،
ڪتي،
عام ۽ خاص آدمين جان
موقعي جو فائدو ولڻ بدران،
يعني خوُن چَٽڻ بدران
خوني ڪار کي پويان،
زور سان يونڪڻ شروع ڪيو.
(ڪتو جو ٽيو)
کي لوڪ،

(ڏسو پيون صفحو)

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

نئين دَلَ جو جنم-٢

جي پنهنجي اندر جي آواز کان،
اڳيرائي خفي هئا،
تيز قدم ڪٽندا رِڙهي آيا.
کي، مورچائي عادت کان مجبور ٿي،
اَفسوس جو عيش ڪرڻ خاطر،
ڪِن - پونڪندڙ ڪتي کي،
هن دؤر جي علامت سمجهي،
ائين سنگسارڻ شروع ڪيو،
جڙ قديم جُڳ ۾،
وِيچار ڪندي
پڪڙيو ويو هجي.
ڪِن،
پنهنجي مالڪ جو گاريون ياد ڪري،
ڪيس پنهنجو ملازم سمجهي، مالڪ جان
وَسي، اَندر نارڻ لڳا.
انصاف لاءِ رَڙڻ
جي هيءَ سزا پائي
ڪتو ڪيڪَڙائيندو،
ميڙ مان جانِ بچائي نڪتو.
هوٽلن کان-ڪاسائِن جي دڪانن تائين
مندرن کان مسجدن تائين، پِڪيو.
هن کي ڪنهن ڪٽي بيهڻ نه ڏنو.
مالڪ ءِ مَڪان،

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

نئين دَلَ جو جنم - ٢

سڀ وارارِيل هئا،
ڪَتن هن کي پنهنجي پيٽ تي لَٽ سمجهيو
۽ هن جي پيٽ کي تسليم نه ڪيو.
هن لاءِ صرف ٻه رستا هئا،
يا ته ڪو نئون فقير ڳولهي،
يا هين ڪُتن کان، پنهنجو پيٽ تسليم ڪرائي.
ٽيون رستو پي هئو،
خودڪشيءَ جو،
اِهو هي سوچي نه ٿي سگهيو
چاڪاڻ ته ،
هو آدمي نه هئو.
آخرڪار،
هن بيحد ڏُهريءَ حالت ۾،
هن زوردار ٻوٽڪ ڪئي.
هيءَ ٻَوائِتي ٻوٽڪ ٻُڌي
کي ننڍڙا ڪُتا
هن جي سايي ۾ سِري آيا.
۽ ٻوءِ،هنن گڏجي ٻوٽڪڻ شروع ڪيو.
اُن گهٽيءَ ۾، هڪ ”نئين دَلَ“ جو جنم ٿيو.
فقير جو ڪُتو،
اُن دَلَ جو اڳوان آهي
۽ گهٽيءَ جو مالڪ آهي،
□□□

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مفاصلي جي تَپَت

پگھريل روُح جي،
ٻُک مري ويئي آهي.
سوچ کي،
شام کان سنھو تَپُ ٿو اچي
خوابَ،سڄي رات کنڀن ٿا.
دِن بہ دِن،
نظر جي تور گھٽجندي ٿي وڃي.
حسرتن کي ، پيلائڻ ڇڏي رهي آهي.
رات جي خاموشيءَ ۾ چُپ چاپ،
ياد جو سج چڙهي ٿو
۽ درد، پنھنجي منجھند ڏُھرائي ٿو.
تون،چائنٽ تي،منھنجي لاءِ،
دوُر تائين رستي تي، نظرون وِڇائي ڪڙي آهين.
مان خُشڪ لَبَن سان، سھڪندو، تو ڏانھن ڊوڙان ٿو،
تون، مونکان ايڏو تيز،
دوُر ٿيندي ٿي وڃين،
جيترو تيز،
مان تنھنجي قريب سُران ٿو.
اُڃ،
رُڃ ايجاد ڪئي آ.
جئن جو تئن قائم آ،
مفاصلي جي تَپَت.
□

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اسين سنڌي

اسين سنڌي،
شينهن آهيون،
پر شانتيڪا،
تڏهن ته،پنهنجي ٽولي ۾
ڳڙڻ کي پي سهندا آهيون.
اسين سنڌي،
ڏاڍا رحم دل آهيون،
ڪنڊي مڇيءَ کي باهر اُڇلائڻ بدران
تلاءَ ۾ وجهندا آهيون.
اسين سنڌي،
اُڇ جا ڪچا آهيون
ڪنڊيءَ مڇيءَ جي ڪني کيل تلاءَ جو پاڻي
پيئڻ ۾ دير نه ڪندا آهيون.
اسين سنڌي،
پنهنجن جا اُگهاڙا مٽا وساري
ٻين جي سِرَن تي،مُنڪ رکڻ لئه منتظر آهيون،
اسين سنڌي،
هڪ ئي گهر ۾ چار چُلهيون ڪري
آڏائي گهرن جو خير گهرندا آهيون.
اسين سنڌي،
آنڊيءَ ۾ جوت جلائڻ وارا سنڊي،
نه پُڇ ، نه پُڇ
ڇا ڇا آهيون.

□□□

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

منهنجا هٿيار

اِها،
ڪَلَ ڪلي هئي مون کي،
تہ، منهنجا هٿيار،
مُڏا نہ، پر بيڪار بہ آهن.
مان، اُنهن سان،
جڏهن ٻين تي وارُ ڪندو آهيان،
لوڪ مون تي ، رحم ڪائي،
مون کان هار مڃيندا آهن.
ءِ مان، اِن کان، بي خبر،
اهڙا ٻيا هٿيار،
جوڙيندو رهيو آهيان.
اِنهيءَ ويساهہ سان،
تہ ، اِتهاس جي عجائب گهر ۾،
اِنهن تي پيڙ لڳندي.
اِها سُڌ ، مون کي تڏهن پيئي،
جڏهن ، رَڌِي پنا ونندڙ،
پنهنجيءَ تاراڙيءَ مان
منهنجي شعرن جي،
ڪاپي ڪڍي،
پري اُڇلي ڇڏِي.

□□□

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پُرزا پُرزا

سپنن جو سلسلو- آکنڊ
پر، نِنڊ پُرزا پُرزا
پَلَ سان پَلَ جو جڙاءُ - قائم
پر، پَھِرَ پُرزا پُرزا
رات جو ڏينھن سان ميل - دائم
پَرَ، مُنڊوُن پُرزا پُرزا
سال جو سال سان ڳنڍُ - سالم
پر، صديون پرزا پرزا
عمر، يک-سِري
پر، زندگي پرزا پرزا
حيات سوچ جو يکو پنڊُ
پر، آدمي پرزا پرزا.

□□□

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

وقت آيو آهي

هر کير ڪرڻ، پاڻي پاڻي ڪرڻ جو
' وقت آيو آ،
صدين جو لوَيلُ - رنگ لِٽلُ
ارٽ ڪويل گفتگوُ ...
جھڙو - زَسُ نڪتل ڦل جو لوڀ
جھڙو - شاخ تي رَسيل،سُڪي، ڪارو ٿِ وِيل ميوو
جھڙو - ڪنھن چرئي جو،
مسڪرائي مسڪرائي ٿھڪ ڏيڻ
جھڙو - ڪنھن سياڻي جو
مفڪرانہ انداز ۾
پنھنجي دوُراندیشيءَ جو ڏيکاوُ
جھڙو - ڪنھن خفتيءَ جو نائڪي اُداسائيءَ جي نِمائِش

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

”سِموُن تا“

ڪوئي ڪنهن کا بُلند ڪونهي
صرف،
مختلف آ .
سيني جي چٽيل ماس ۾
مصالو آ اَلڳ اَلڳ
ذائقو آ جدا جدا،
پر مال ساڳو آ،
سپيئي،
اِتهاس جي شيخ ۾
ڪباب ٿيو
چڙهيا پيا آهيون.
وقتُ، جو هٿ ڪيري ٿو
اسين
سپنن جي رَڻ ۾ڪيل،
زندگيءَ جي ٽانڊن تي،
ٽس پُس ڪندا
سِموُن تا،
سِموُن تا.

□□□

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

فِيوزڊ بلب

سان سان ،
ڪنڊيل تارن جي بٽڻن کي
ه لويو،
رشتن کي نه ڳوهيو.
هاڻي،
سان مان،
ٻوڙ جي آس اَجائي آ.
سان جي اندر جي،
سنهڙي تَندُ جو جوڙ ٽُٽي پيو آ
سين فِيوزڊ بلب آهيون
س،
سان کي هاڻي،
ي رحميءَ سان،
ڪنهن ديوار سان ٽَڪرايو
ڪهڙي خبر
اسان جي آخرين آواز مان
نوهان جي ڪنهن ڏَهيل جذبي کي
تسڪين حاصل ٿئي.

□□□

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪانوَ ۽ ڪويل

چند ڇهڑن جي ميڙ ۾
شهباز ،
ڪانوَ کي ڏُڪالو پاتو
مور جي چال جا،
هن کي پنک لڳي ويا.
۽ هن،
هر اُن ڏَرَ تي دستڪ ڏني،
جتان خبرون
اُڏندیون آهن.
تمام اخبارن جون ڪٽنگس هڪ جاءِ ڪري، ڪويل وٽ
پهچي،
هن غروز سان آکيو
' اي هم رنگ پرواز '
هي۽ ڏس،
ڪويل غور سان پڙهي چيو
' هنن ۾ شَهباز ۽ ڏُڪالي جو احوال آهي
تنهنجي۽ ذات جو ذڪر ڪٽي آهي '
منهنجي ذات ؟ ؟
ڪانوَ جهومر سان اُڏاڻو
۽ ' ڪان ڪان ' جي گونج فضا ۾ ڦهلي
ڪويل کي،
ڪانوَ تي ڪِل
۽ شهباز تي رحم آيو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪڇ ٿيڻو ضرور آه

ڪڇ ٿيڻو ضرور آه
مگر،
اڃا ڪڇ ٿئي نڻو
بم سان ڳنڍيل
باروڊي ڏاڳي جان
چڪون چڪون
پَلَ هَرن ٿا.
دِنل حيات
زبردست ”نا“ جي اِنتظار ۾
ساهُ روڪي
اکيون پوري
ڪَنن تي آڱريون ڏئي بيٺي آ.
چڪون چڪون پَلَ هَرن ٿا
ڪُڇ ٿئي نڻو.
ڪُڇ ٿيڻو ضرور آ.
مگر
اڃا ڪُڇ ٿئي نڻو.

□□□

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

غزل

ڪڏاهکو ٿي ڇُڪس مُردي جيان مان
قلم آ جو ڪٽائي ساهه پيو ٿو

وري؟ رُکجي پويان نهاريان ٿو
پليان منهنجو ئي پاڇو آ يا ٻيو ڪو

انڌيري جي اَمرتا تي نه شڪ ڪر
اُجالو پر پيو مرندو ۽ جيئندو

ٻُنيي جي ڏک کي قائم رک سدائين
هٽائج مُرڪ جو منهن تان نه پردو

نه خود کي شڪ گُمان جي سايي ۾ آڻ
نه هر هر ٽون وچ پڇڻ حال ڪنهنجو

خدا کي ٻوڌ ۽ شيطان کي ماڻ
اهوئي مَرڪُ آ اَڄ آدميءَ جو

ٻلي دل کولي تون وڙهه روشنيءَ سان
خدا لڳ ڪر نه اوندهه ساڻ جهيڙو.

□□□

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

غزل

تو جو ٻڌو آ، مون نہ چيو آ
ڀالھہ کي ڪنھن ٻئي موڙ ڏنو آ

توسان جڏھن ٻي ملڻ ٿيو آھي
دوُريءَ جو اَحساس وڌيو آ

عمر جون ٻَلڪون ٻي ڳوڙيون ٿيون
جاڳي جاڳي خواب سُتو آ

ريت نَٽي جڏھن جي ڪشتي
دل جو درياھہ سُڪي ويو آ

مون ڏي مھڑ آ، ڪنڌ ڪٽان ڪيئن
پنھنجو ڪيو ئي آڏو ڪڑو آ

صحيح پَرک جي ھام آ ڪوڙي
پوُرو ڪنھن ڪنھنکي پَرکيو آ

سڀ چُپ آھن لاھہ ڏيءَ تي
ديد فِڪر جو ڪال پيو آ

تون ٿو پڇين ڪنھن جي جھوريو ٿر
روح ھر ھڪ ٻيو ڇير پيو آ.

ايڪانت ۽ اوجاڳو

سوچ ڏنيل جاڳ
نند کي ڏنگي،
سپنن کي گرپ ۾ ٿي ماري وڃي، ديوارن جي
درويشي صلاح تي
پلنگ چڏي،
سُنسان رستي تي اڇي ٻيلو آهيان.
ڪاري بَخمل تي،
جڙيل ياقوتن جي،
نهارن جو مرڪز ٻڌجي.
اِهي روشنيءَ جي مُحاورن ۾
گُفتگوءَ جا خواهشمند لڳن ٿا.

ڀِت،
نج نوُر جي زبان ڪنهن کي ٿي اچي.
□□□

وِڻي

اَسين ڪيترو به ڪٽي
هڪ ٻئي جي ويجهو اچون
اسين ڪيڏو به ڪٽي، پاڻ ۾ پيهي وڃون.
پوءِ به اسان جي وچ ۾، هڪ اَڻلکائتي وِڻي رهي ٿي.
جنهن جي پَناه ۾، موقعي جي تاڙ ۾،
شڪ، چُپ ماري ويٺو آهي.
□□□

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هي ڪجاڻ اگر

سنگمرمر ملئي
تہ
هاڻي تراشجاڻ.
عاج هٿ لڳئي
تہ ڪتو.
لوهہ حاصل ٿئي
تہ شينهن.
پٿر پلئہ پوئي
تہ آدمي.
هُنر سکين،
تہ مشين گَن هلائڻ جو.
قلم وَر چڙهئي
تہ خوشبوُدار لفظن ۾
نفرت جا قصيدا ۽نعارا لکجاڻ.
۽ جي آواز جي شملن جو مالڪ ٻڌجين
تہ مندرن ۽ مسجدن ۾ اوڳاري تِن کي
هارڙن جون ڇپروُن ساڙجاڻ
۽- اَنات گهر آباد ڪجاڻ.

□□□

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مُنجهيل مُٽ

هن جهان جي مُنجهيلَ سُٽ جو
مان هڪ حصو آهيان.
مون ۾ اُلجهنيون آهن
مون ۾ گنڊيون آهن
پاڻ ۾،
ٻين سان.
منهنجا هٿ، پير، پيٽ، مُنهن
هن مونجهه ۾ گُم آهن.
مون کي ڏرو ڏرو ڪري
چِني سگهندين،
سالِم ڪڍي نه سگهندين.

□□□

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آه واه

مان،
مُکياري وَڏَڙ وانگر
ڏرو ڏرو ڪري وڪيو ويو آهيان
منهنجا عارضي مالڪ
بنا وصيت ڪئي مري ويو آهن
هاڻي
منهنجو هڪ جاءِ مڙي سالم ٽيڻ
ناممڪن آهي.

مان،
اُهو وڃي بچيو آهيان
جو وقت
مون ۾ ڇڏيو آهي.
منهنجا شعر
موتي
ڪود رحمي جي تيزاب جا زخم آهن
جن تي،
آه ۽ لوڙ آ.
واه ۽ لوڙ آ.

□□□

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هيءَ چا ٿي ويو

هاءَ-هاءَ- هي چا ٿي ويو
مسجد تي مهاديوَ جو
۽ مندر تي ، چنڊ تاري جو جهنڊو ا
ٻئي آستان اَپوٽر ڪنهن ڪيا ؟
هائي مندر کي شُڌ ڪرڻ لاءِ
مسلمانن جي رت سان ڏوڻٽو پوندو
۽ مسجد کي پاڪ ڪرڻ لاءِ
هِندن جي لهوءَ سان صاف ڪرڻو پوندو.
اي رام جا لاڏلو -
هزارن ۾ اڇو، آرتيءَ لاءِ،
اِ رحيم جا پي،او-
هڪ هجوُم ٿي ڳڌجي نماز پڙهو
اسان کي ڪير جون نديون نه ڳهرجن
اسان کي خون جي ندين جي لوڙ آهي
اسان کي توفيق ڏي، ته اسين اُهي وهائي سگهون
توهان جي آستانن کي
شُڌ ۽ پاڪ ڪرڻ لاءِ
اي جيوَن جا رَکوالا- اي بَندا پَروَر
اسين اَئين ڪري
توهان کي ثابت ڪري ڏيکاريون
ته-پوجيه گرنٿن جي سلوڪن کي
مُقدس ڪتابن جي آيتن کي
اسان صحيح سمجهيو آهي.
□□□

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

عمر جو کوُھہ

دل جو در
کڑکائي
پُکاري ٻاڏائي ٻيٺو آهيان
مان -
مون سان ملڻ کان اِنکاري آهي
خود مان خفي ٿي،
انهن کي ٻوليان ٿو
جِن کي،
منهنجي غصي تي غُرور
۽ فَن تي ناز آهي.
هر راهہ جي چيڙن تي نمرا آهن
هر راهہ جي وچ ۾ مورچا آهن.
ٻِن قدمن جي همراهي ٻرشرطي آه.
هٿي،
منهنجو غصو ڪِلائيندڙ
منهنجو فَنُ بي معني آه.
سوچ جون سُرنگهون،
نوُسي نوُسي،
وري
ساڳئي هنڌ تي آيو آهيان اڄ
مان،
پنهنجي۽ پَناهہ کان ٻر وانجهيل آهيان

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

دُهِلُ

مائھو،
ڏکجي ويندا آھن،
ڏھجي ويندا آھن،
لڙھي ويندا آھن.
جڏھن،
قد کان مٿي ٿھرندا آھن
وَٽ کان وڌيڪ بار کڻندا آھن
زور کان باھر وَھَڪ ۾ ويندا آھن.
مائھو،
پاڻ کي سُڃاڻڻ جي شوق ۾
پاڻ سُڃاڻڻ ڇڏي ڏيندا آھن.
۽ خود کي،
غلط ماپن ۾ اُتاريندا آھن.
(اِھو وِساري)
تہ ھر شخص کي ڪَٽَڻ جا ماپا مقرر آھن.
جِن کي،
توريو آھي،
(اَکرن۽ عمل جي ڪِلوگرامن ۾)
جِن کي
ڪَڇبو آھي
راھہ ۽ منزل جي ميٽرن ۾.

□□□

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

صلاح ڏي

چهري تي،
شِشتاچار جي مُرڪن کان
(جن ۾ پلئسٽڪ ڪلن جي ديرپا تازگي آهي)
بيزارجي ڇُڪو آهيان.
ڏهني اُلجهنن جي تَپَت ۾
مَن جي مونجهه ڪٽي،
حسابي فلسفي جي ڪتابن جي
خاڪ چاٽيان ٿو.
مَن کو فارمُولا مِلي وڃي-
سُکوُن جو-راحت جو-
مستقبل مُٽل،
حال بي جَسُ،
چا ڪريان؟
دوست !
کا صلاح ڏي.

□□□

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

شام کان ....

شام کان،
مينهن، رات جي ڪارائڻ کي ڏوئندو رهيو آه
وڃ،
سُپرواءِيزر جان
رکي رکي
ليئو پائيندي رهي ٿي
ياد جو منجهيل سُٽ
اڃا به منجهيل ٿو رهي
خيال مونکي ماڻن تا
مان،
لفظن جي تلاش ۾ پوڳيان ٿو.
لفظ منهنجي زندگي آهن.
هر تمنا جي موٽ،
صبُر کي جَنميو آهي.

□□□

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڏرَ ڏرَ کان

هڪ ڏرَ کان ٻئي تي
ٻئي ڏرَ کان ٽئين ڏر تي
ٽئين کان چوٿين ...
ڪلوروفارم ۽ ايٿر جھڙن
اَحساسن کي سِنگھندو
هٿ ۾،
پنھنجو ڪيس پيپر جھليو
هڪ اِسپيشلسٽ کان
ٻئي اِسپيشلسٽ وٽ
ٻئي کان ٽئين
ٽئين کان ....
هر ڏرَ ٻاھران ٻيلو
پاڻ کان ٻاھر نڪري
پاڻ کي گھوريان ٿو...
هڪ فائيل
هڪ ٽيبل کان ٻئي ٽيبل تي
ٻئي کان ٽئين... ٽئين کان...
اَلائي ڪيترا نُقص آھن
هن پيٽل بلوُ پرنٽ ۾
(عيبدار اِبتدا جي
اِنتھا چا ٿيندي ؟)
اِنجنيئر کي
ساڃي ٽِريءَ ۾ — حليس آھي

ڏسو صفحو ۲۰

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

دَرَ دَرَ کان - سرسي

هڪ ٻڱي ڪي
خاموش نظر سان.
هن تجربي جي ڪاميابيءَ جو
يقين ڏيارين ٿا
ٽئين دَرَ کان چوٽين تي ...

هو،
مون کان
ڪيس پيپر ولي
منهنجي جِسم جي هوٽل
جي اوڏاهن ڪمرن جي،
اِتهاس جا پنا ورائي،
منهنجي باهرين ڏانچي تي
فِنِشنگ - ٽچ نظر ٽيري
ڪاغزي ڪَفَن تي
ڪانڊين جا نالا لِکي ڏئي ٿو،
اِنجيڪشن ڪَئِپسوُل، گوريون، مِڪسچر
چار ڪانڊي
تهذيب سنگ هڻ
اِتهاس سنگ هڻ
وِگيان سنگ هڻ
سياست سنگ هڻ
پُڪاريندا،

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڏرَ ڏرَ کان ـ ۲

هڪ ڏرَ کان ٻئي ڏرَ تي ....
منهنجي جسم جي اُڇلايل آب ۾
وگيان جي ڪنڌ ملي آه
سَنڈن ۾ خوف جي ڇرپي،
خون ۾ خرابيءَ جي مِلاوَٽ،
(مون نِيچ جا ڪاڏو آ ؟
مون نِيچ جا پيٽو آه ؟)
ٻئي ڏرَ کان ٽئين ڏرَ تي ....
منهنجي لڏڻ جي شهر ۾
زڻمن جي جهوپڙپٽي ڏِني وئي آه
ميڊيڪل ڪاليج جا،
پروفيسر ۽ وِديارٿي،
(لائِن ۽ روٽري جهڙن ڪلبن جي سهڪار سان)
ان ۾ شُڌارو آڻڻ لاءِ
شرم دان ڪن ٿا.
آپرشن ٽيبل جي اخبار ۾
ليٽ نِيوز ٽيپو
ڇپيو پيو آهيان.
مٿان رعبدار شاهي بتي
گيتا جو اَرڻهون اَڌياءِ اُچاري ٿي.
پُرسان رکيل اِسٽرلائيزڊ اوزار
اِسٽرلائيزڊ شردا سان ٻُڌن ٿا
منهن ملو ڏکيل آڇا فَرِشتا

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

دَرَ دَرَ کان ۽ ڪ

هڪ ٻئي کي
خاموش نظر سان.
هن تجربي جي ڪاميابيءَ جو
يقين ڏيارين ٿا
ٽئين دَرَ کان چوٽين تي ...

هو،
مون کان ،
ڪيس پيپر ولي
منهنجي جِسم جي هوٽل
جي اوڏاهن ڪمرن جي،
اِتهاس جا پنا ورائي،
منهنجي ٻاهرين ڏانچي تي
فِنِشنگ - ٽچ نظر ڦيري
ڪاغزي ڪَفَن تي
ڪانڊين جا نالا لِکي ڏئي ٿو،
اِنجيڪشن ڪَئِپسوُل، گوريون، مِڪسچر
چار ڪانڊِي
تهذيب سنگ هڙ
اِتهاس سنگ هڙ
وِگيان سنگ هڙ
سياست سنگ هڙ
پُڪارين ٿا،

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

توهان کي خبر آهي ....

توهان کي خبر آهي - ته
هر رچنا جي پهرين سِٽ
پنهنجي اندر ۾
هڪ آرزوُ سانڍيندي آهي
توهان کي خبر آهي - ته
هر رچنا جي
آخري سِٽ جي آخري تمنا ٿيندي آهي.
توهان کي خبر آهي - ته
رچنا جو هر لفظ
ڏکندي ڏکندي
ٻئي اَجنبي لفظ سان گڏجي بيهندو آهي.
توهان کي خبر آهي - ته
رچنا جو هر جملو،
ٻئي جملي جي دوستيءَ تي
شڪ ڪندو آهي.
توهان کي خبر آهي - ته
رچناڪار،
ڪيترين ڪَمِيُن پيشِيُن جون
ڪاهيون ٽپندو
خود کي هڪ هنڌ سميٽيندو
ڪيترا شڪ ۽ ڊپ لتاڙي،
رچنا کي مُڪمل وَجوُد بخشيندو آهي
توهان کي خبر آهي - ته ....

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

وٹرٹ ياترا

هاءِ، هيءَ جيوت ياترا وٹرٹ وئي،
نہ شبدن کي صحي اُچاري سگھيُس
نہ انھن جو پورو اَرٹ سمجھي سگھيس
نہ چوڻ جو ڏانءُ پلئہ پيو ،
نہ ٻڌڻ جو صبر آيو.
هاءِ هيءَ جيوَت ياترا وٹرٹ وئي،
جنھن اُڏيل ڏوڙ ۾ اکيون کوليم
اُنھيءَ ڏوڙ ۾ اکيون پوريم.
هاءِ - منھنجو رٹ
اُتي جو اُتي ئي بينو رهيو
ءِ مان رَمندو رهيس.

□□□

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اي وقت جا خُدائو

اي وقت جا خُدائو آدميءَ کي
پنهنجي پاڻ سان گڏجڻ نه ڏيو
ڪٽي سندن سچ جو شعلو،
جو ٽوهان- انڌن عقيدن جي پٿر هيٺ دٻائي رکيو آهي،
اُڇل کائي اُڀري نه اڇي
غلط راهن تي چراغ ٻاري -
انڌو ڪندڙ روشنيون ڦهلائي ڇڏيو
ءِ سچ ڏانهن ويندڙ رستي تي اوٽڙهه جي،
اَجگر جو پهرو ٻهاري ڇڏيو.
ءِ اڇا پي اُتي
اُنهن دل فريب لفظن جي ڏوڙ اُڏائي
پرشٽ ڪيو آهي ...
توهين هيلتائين ڪامياب ويا آهيو ءِ تيسين ڪامياب رهندا!
جيسين - آدمي پنهنجي پاڻ سان گڏيو ناهي،
اي وقت جا خدائو .....

□□□

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

بُجو

هڪ بدصورت، بد دماغ،
پُرداغ صورت واري،
خود کي آرسيءَ ۾ ڏسي
آرسيءَ کي
پٽر هٽي منجهس ڏاروُن ڪري چڏيون
آرسيءَ
پنهنجي سچ ڏيکارڻ جي مجبوريءَ تي روئي ڏنو .
هڪ ٻئي،
سُهڻي، سَجل صورت واري -
آرسيءَ ۾ پنهنجي شڪل ۾ ڏارون ڏسي
اُن کي بُجو ڏنو
آرسيءَ کِلي پاڻ کان پڇيو
اِهو بُجو
هن کنهن کي ڏنو ؟

□□□

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

حيرت

مان،
ڪٽي ڪٽي آهيان،
اُن جي ڪَلَ اَڻس.

پر
مان ڪير
ڪٽي ڪٽيَ آهيان،
اُن جو علم ڪونهي

جو،
ڪڏهن ڪڏهن
پاڻ کي،
اڏڻ هنڌن تي پائي،
مون خود کي،
ڇرڪايو آهي ....

□□□

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جيڪي
پنهنجي زندگي ۽ موت تي
فڪرمند آهن
اُهي ڏهين آهن
هوشمند آهن
گهٽن کي ته
جيئري پنهنجي سرهاڻ ٽيڙ جي
شڪ ٻي ڪانهي.

□□□

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

بنا پڇڙ جي
بصر،
بانس نہ ڪيندو آهي
ڪي،
مطلب پرست
خود بصر ٿي
خود کي پڇي
بانس ڪيدا آهن.

□□□

بنا مطلب،
بنا سِلسِلي
کي چڱائي
کي رِينگٽ ڪري - ميڙ ۾
پنهنجي ڳئڙ جو
اَحساس جتائيندا آهن
سي حقيقت ۾ هوندا ئي ڪينهن.

□□□

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٻہ باندر

هڪ باندر
بيٺل درياهہ جي شيشي کي پٽر هڻي
چنڊ کي
پڄي پوري چڙڻ جي هام هنئي
ٻئي باندر
پاڻيءَ جو ٻُڪ پري
چنڊ کي بچائي ونڊ جي دعويٰ ڪئي
ٻنهي جون اکيون
ملي نہ سگهيون
۽ رات وڇڙجي وياَ.
ويسهہ جي ميائڻ مان
دَليلن جون تلوارون نڪيون
مٿي چنڊ مُسڪرائيندو رهيو.
هيٺ،
پاڇا پاڻ ۾ اُلجهندا رهيا.
اوندهہ ٽپري ڏيندي وئي.

□□□

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

چا چا چا تہ سمٹو پوي تو

اُکيون کولڙ سان ،
ديد نہ ملندي آهي
چشمو پائڻ سان پڙهڻ نہ ايندو آهي
قلم جهلڻ سان
لکڻ نہ ايندو آهي
خواب ڏسڻ سان
منزل نہ ملندي آهي
ساهہ کڻڻ سان جيئڻ نہ ٿيندو آهي
، جيئڻ سان
معزز موٽ پائي نہ سگهبو آهي
آدميءَ کي -
اِنسانيت جي ماڳ تي پهچڻ لاءِ
اَنيڪ مشڪلاتن جي شهلن مان گذرڻو پوي ٿو
کاري سمنڊ جي آب کي
منو جهرڻو بڻجڻ لاءِ
ڪتان ڪتان گذرڻو پوي ٿو
چا چا نہ سهڻو پوي ٿو.

□□□

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڊاروُن - ١

دنيا نندي ٽي وئي آهي
آدمي وڏو ٽي ويو آهي
گهر جي آڱڻ ۾ هاريل چڪائي تيلي ۽ جي روشني
گهٽي ۽ ۾ ٻهڪي ٽي
گهٽي ۽ مان هاريل ڦٽاڪي جو آواز
شهر ۾ گونجي ٽو
شهر ۾ قاتل بم جو لڪاءُ
علاقي ۾ ٻڌڻ ۾ اچي ٽو
ملڪ ۾ کيل ڏماڪي جو ڏهڪو
سڄي وِشوَ ۾ وڄي ٽو
آدمي وڏو ٽي ويو آهي
اَڄ -
هن جو دماغ ويڪرو - دل سوڙهي ٽي وئي آهي
هي ۽ سوچي ڪي اوڙ ٽو
ڪري ڪي اوڙ ٽو
اِرادي ۽ عمل ۾ ڊارون آهن
هي ۽ - هلي هڪ طرف ٽو
وَڏي ٻئي طرف ٽو
مقصد ۽ راهه ۾ ڊارون آهن
هي ۽ ڏسي هڪ پاسي ٽو
نظر ٻي ۽ پار ڪري ٽو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڏاروُن - ٢

نظر ۽ نظاري ۾ ڏارون آهن
هن جو ساڃو هٿ جوڙڻ ٿو چاهي
۽ کاهو ٽوڙڻ
هن جو هڪ پير -
ڪنهن کي بچائڻ لاءِ وَڏي ٿو
ته هيو - لتاڙڻ لاءِ کڄي ٿو
هن جي زبان - چوي هڪ ڳالهه ٿي
شبد اَرٿ هيو ٿا رکن
اَڄ - هن جي هر اَنگ ۾ ڏار آ
سالميت جي پوش ۾ -
هيءُ ڏار جو مجمو آهي
ڪنهن يگ ۾ هيءُ سالم رهيو هوندو
مگر اَڄ -
ننڍيءَ دنيا جو وڏو آدمي
ڏارون ڏارون آهي.

□□□□

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هر شخص کي

هر شخص کي
پنهنجي هڪ دنيا ٿيندي آهي
اُن دنيا ۾
هڪ مڪان ٿيندو آهي
اُن مڪان ۾
هڪ خاص ڪُنڊ ٿيندي آهي
جو -
هن جو جَهانُ آهي
جتي تَنهائيءَ جو جَهان روشن آهي
جنهن جي روشنائيءَ ۾
هوُ -
پنهنجا لکيل پنا پڙهندو آهي
۽ ڪورا پنا لکندو آهي
هتي ئي،
هوُ
پنهنجي روُح سان گفتگو ڪندو آهي.

□□□□

نند بيٺي رهي

نند بيٺي رهي
خواب آڳيان نڪري ويا
سمند ٽميل رهيو
لهرون آڳيان وڌي ويون
سوُر - سَر سَبز رهيا
زخم - خميرجي سياهه ٿي ويا
درخت بيلا رهيا
هوائون گذرنديون ويون
غبار اوچو ٽيندو ويو
قافلو هڪ هنڌ بيٺو رهيو
زندگيَ - وِڪ به آڳيان نه وڌي
۽ عمر چڙهندي وئي.

□□□□

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هڪ عمر ڪپندي آهي

هڪ عمر ڪپندي آهي
پاڻ کي
پاڻ تائين پهچڻ ۾
دوريءَ جي ڏُنڌ ۾ريبي جهنگل مان
صحيح رستو کڻڻ
اوکو ئي نه - پر
خطرناڪ پي آهي
ناڪامي - نراسائي - اڪيلائي - ويڳاڻپڻو
بي چئني، ٽڪاوٽ
هن دڳ جي موڙ کي حرفت سان
منزل مڃارائي
اِن فريبيءَ جو آفيم چٽائي
وِهاري ڇڏيندي آهي.

□□□

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

خواب ۽ نند

خراش بخش خوابن جي زَهنڊُن،
اُهي آکيون چوٽڊي رکيون آهن
جتي
پنهنجو آشيانو آڏيندیون
نند کي
سنڊن سارش جي،
آلائي کيئن، کتان سڪ پئجي وئي
هوائُن کي ڪَن ئي نه - وات ٻي آهي
خوابن جي اُبهرائي، عير ذميوار گفتار
انهن جو راز، فاش کيو ٿو ڏسجي
نند - ناجائز فِڪرن -
بي بنياد خوفن جي سهاري
خوابن کي نند جي علاقي کان،
اڃا تائين دور رکيو آهي
ماحول ۾ تناءُ آهي -
پر - حالتون ضابطي هيٺ آهن.

□□□

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مجبوري

مون وٽ ڪيترا ڪارڻ آهن
توسان نفرت ڪرڻ جا
مون وٽ ڪيترائي دَليل آهن
توکي پيار ڪرڻ جا
مون وٽ ڪيترا سبب آهن
توکان دوُر رهڻ جا
مون وٽ ڪيترا وَجهه آهن
تنهنجي قريب اچڻ جا
يقين -
تو وٽ به اهڙا ئي اَحساس هوندا
مون بابت
اَسين ڪنهن به حصي ۾ پورا ناهيون
نه پورا ڪُٽن ۾ آهيون
نه پورا اوڪٽن ۾ آهيون
نه مڪمل - چاهت ۾ آهيون
نه مڪمل - حقارت ۾ آهيون
اِنسان کي -
ڪڏهن پي - ڪنهن پي، يگ ۾
ڪنهن اَحساس جي پوُرنتا نه ملي آهي
سدائين- اِن ۾ ڪا ڪاڻ رهي آهي
اَسين اَصل ڪان - اَڌپوُرا آهيون
ان باعس- اُن ئي صورت ۾
هڪ ٻئي کي قبول ڪرڻ تي مجبور آهيون.□□□

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سورج جو رٿ

سورج جي رٿ جي ستن گھوڙن مان
ي اڻندھ پرست آھن
ر،
ٿورائيءَ ۾ ھڻڻ سبب
رٿ ڇڪڻ تي مجبور آھن
ھڪ ٻئي گھوڙي کي
پاڻ ڏي ڪرڻ جي ڪوشش جاري اٿن.
جنھن ڏينھن
رات ٽِڪي رھندي
تہ سمجھجانءِ
تہ پنھنجيءَ ڪوشش ۾
ھي٭ ڪامياب ويا.

□□□

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اِتهاس جا پاڙهيل

رات جي پوئين ۽ هڏڪي ۽ سان
چوڪيدار جي ننڊ جوان ٿئي ٿي
حادثن ۾ خوشبوءَ نه ٿيندي آهي
خوشبوءَ حادثو آهي.
هي ۽ گهٽي ۽ ۾ اوٽڏهه سُمهي آهي
اُداسيون ، سَناٽي جون چادر ويڙهي ليٽيون آهن
پرندن جي گهگهرن وچڙ کان اڳ
موٽر ڪارن جو شور ۽
پره ڦٽڻ جو اعلان ڪندو آهي
۽ شهر جاڳندو آهي
تپاهه ڪن ڏماڪا- اِتهاس جا پاڙهيل آهن
ساڳي وڳي ۽ ساڳي چال سان نه هلندا آهن
نه ساڳي ۽ راه تي گام زن ٿيندا آهن
مگر ماڻهو ساڳيو ئي هوندو آهي.

□□□

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

درد جي بوءِ

مايوسيءَ کي هن
مُرڪ جي صليب تي هن چاڙهي ڇڏيو آهي
اُداسين کي هن
ٿڪن جي ڇوڪ تي
زور سان لٽڪا هنيان آهن
نا اُميدن کي
ائين وڻ تي لٽڪايو آهي
جيئن ١٨٥٧ ۾ باغي سپاهين کي لٽڪايو ويو هو
هوُ
ڪنڊ مٽي ڪٽي،
فاتح فوجيءَ جان
فخر سان گهمندو آهي
مگر، کي نادان پوءِ پي چون ٿا
هن جي اَکين مان
درد جي بوءِ ٿي اڇي !

□□□

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تاريخ جي ڪهڙي دؤر ۾

تاريخ جي ڪهڙي دؤر ۾
اسان کي ،مسخرن نہ رُڳاريو آهي ؟
ڪڏهن وادن جي ڏماڪن سان،
ڪڏهن مذهبي شعلن سان،
ڪڏهن سياسي دوُنهن سان،
اِها
مسخرن جي تاريخ آهي،
يا
تاريخ جي مسخري ؟
اسان،
سدائين،
هنن مسخرن جي سياڻپ کي قبولي
سندن سانگ سجايو ڪيو آهي.
يا
تاريخ جي مسخري
ڪٿي آهي؟

□□□

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

شمشان گھاٽ

جڏهن ٻي،
شمشان گھاٽ جي وڏي مکيہ گيٽ وٽان
لنگھندو آھيان
مون کي نھاريندو آھي
پر اڄ -
ھي٤ گھوڙي رھيو ھو
لڳو - ڪجھ چوڻ/ ڪجھ پڇڻ ٿي چاھيائين
ويجھو وڃي چيہ ومانس
”مان ايندس“
”سو تون تہ ايندين ٿي - پر سوچان ٿو
تو سان گڏ ، چئن ڪانسواء گھٽا ھوندا ؟“
ڪلي وريا ٿو مانس -
”گھٽو گوڙ نہ ھوندو - بلڪل نہ
مان سنڌي شاعر آھيان.“

□□□

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آگر تون
غور سان منهنجي
شاعري پڙهندين
تہ اِهو نہ پڇندين
مان ڪٽان جو آهيان، ڪٽي آهيان
ءِ ڪيئن آهيان.

□

ٻئي لهسيا آهيون
اِتهاس جي تابش ۾
تون، ڀل، پهر سُڏڪين
دل ۾ سوُر ٻڌِ، چُپ ٽي ويو آن
مان اڃا تائين
لفظن ۾ رڳان پيو ٽو.

□

نہ ڪري سگھندين !

سڄ ڪي خريد ڪري نہ سگھندين
اُس، اوڏر تي ملندئِہ
چنڊُ، ڳنھڻ کان دور آھي
سِتارن جي ٽِمر ٽِمر
ڪو پھرُ پاڻ وٽ رکي سگھندين
سمنڊ کي ھٿ ڪرڻ جي نہ سوچجانءِ
لھرن کي قِسطن ۾ چُھي سگھندين
پربت جي بُلنديءَ ۽ عظمت جي
ڳالھہ نہ ڪر
اُتان ھيٺ لھندڙ نھر کي موڙي سگھندين ؟

□□□

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

نئين ڪويتا

هر رنگ کي پنهنجي زبان آ
هر زبان کي پنهنجو رنگ آ
هر لفظ کي پنهنجي اَدا آ
هر اَدا کي پنهنجو لفظ
هر موسم کي پنهنجي لاءِ آ
هر لاءِ کي پنهنجي موسم
هر جھرني کي پنهنجو گيت آ
هر گيت کي پنهنجو جھرنو
هر سوُنھن کي پنهنجو رَسُ آ
هر رَسَ کي پنهنجي سوُنھن
هر لھر کي پنهنجو فِڪرُ آ
هر فِڪر کي پنهنجي لھر
هر گھاوَ کي پنهنجي ياد آ
هر ياد کي پنهنجو گھاءُ
هر ناچوءُ کي پنهنجي ويل آ
هر ويل کي پنهنجو ناچ
هر جنوُنَ کي پنهنجي هستي آ
هر هستيَ کي پنهنجو جنوُن.

□□□

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جيئڻ - مرڻ

روز هڪ رچنا لکي
شود کي
پنهنجي زندهه هڻڻ جو
احساس عطا ڪندو آهيان
ٻئي ڏينهن اُن کي رد ڪري
پاڻ کي مُردو محسوس ڪندو آهيان
وري ٻئي ڏينهن
نئين رچنا ... نئين ڏينهن ...
ائين جيئڻ - مرڻ
منهنجي حيات جو سلسلو آهي
مون سان اگر
ڪڏهن گڏجڻ اچين تہ اُول پُڇي پڪ ڪج
ته مان اڃ زنده آهيان
يا - مرده.

□□□

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اِهو سمجهي ڇڏ

اِهو سمجهي ڇڏ
ته هتي
سمجهڻ جهڙو ڪجهه ناهي
صرف اِهو سوچڻو آهي
ته هتي سمجهڻ جهڙو ڇو ڪجهه ناهي؟
ان سوال جو اگر جواب ملي
ته ڪُل جا سِر سِر ٿي وڃي
مگر اِهو ئي ممڪن ناهي
جو هتي ڪوئي چور ڪوٽهي
سڀ ’ علي بابا ‘ آهن
۽ انهن جون غفائون هڪ مونهيون ناهن
جِن ۾ ڪُجها درَ آهن
انهن کي کولڻ لاءِ
ڪوڊ ورڊ آهن
اِن ڪري اِهو سوال جِتي آهي، اُتي ئي رهڻ ڏي
۽ اِهو سمجهي ڇڏ
ته هتي .....
.....

□□□

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

صبح

ساجھڑي
هوا کي مٽي ۾ پونئڙي هئي
پوڙهن درختن
جي بزرگ شاخن، ڏاڍيءَ لڳن سان
ان جي جهاڙ ڦوڪ ڪئي
ڪچڙيءَ اُس
روشن مُرڪ ۽ مهڪ سان، گهٽن کي موهي رکيو
پر
اُس جيئن ٽي،
جوان ٽي دنيادار سکي،
شوخ ٽي ڏند ڏيکارڻ لڳي
ڪنارن کي
لهرن جي ٽڏڻ کي
رهڻن ۾ بدلڻ جو
ڊپ رهندو آهي
جو هوا تي ڪو اعتبار ڪونهي.

□□□□

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

چُرچ

هوائُن جي چُرچ تي
لهرون لهڪ ڏئي
پنهنجو سڀ ڪجهه وڃائي
پاڳلپڻو خريد ڪرڻ تي آماده آهن
تنهائي اُداسائيءَ سان
ملڻ بنائي
دل جي گهران نڪري وئي آهي
پوڙهيون نادانيون
دانشوريءَ جي سايي هيٺ،
بحث جي طلب تي
ضد ٻڌي بيٺيون آهن
فضا، سوچي سوچي
پنهنجو دماغي توازن کوهي ويٺي آهي
ماحول ڪنڌن ٻي
نئين لباس سان
نئين رنگ سان
نئين ڍنگ سان
جرڪائي ڏهڪائي
يا ...

□□□

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

منهنجو آواز

منهنجي نِجي آواز ۾
نِجپڻو ڪونهي
اُن ۾
گيترن ئي ٻين آوازن جي
هلڪي گونج
مبهم سهين
موجود آهي
جنهن کان ماڻ سچيت آهيان
انهن کي الڳ ڪري نٿو سگهان
جو ٻين جي گونج ۾
ٻين گيترن گيترن آوازن جي گونج جو
حصو شامل آهي.

□□□

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تازا ڪلام

هوءَ ڳائي رهي هئي
واهه واه جو
دريا وهي رهيو هئو
مڙ
نغمو
سُرتال جي ٽڄ لاءِ
روئي رهيو هو.
□

پنهنجن
جي هٿن ۾
تلوار ڏسي
مون ڪُسجڻ قبول ڪيو
منهنجو سارٿي،
ڪرشن نه هئو.
□

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تازا ڪلام

حيات
هڪ ڪُنڊل شاهوڪار،
مُدي کان اڻُ
وياج گهري ٿي
□

لفظن کان وڌ،
مان جو
مُلهم آهي
□

وقت
جلسو پسائيندو
ماسُ،
هڏ کان ڇڏائيندو
□

حيرت آهي
ڪي،
پنهنجيءَ اڻ ڄاڻائيءَ تي
ناز ڪندا آهن.
□

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

خالي ماچيس

منهنجي آڏو
اوندهه جو جمود
پهاڙ جيڏو
ٿ مون ۾
روشني جڳنوءَ جيتري
جا
رکي رکي، جهلڪا ڏئي
خود کي تباهه ڪري رهي آهي
جئن
اوچتو بجلي بند ٿي وڃڻ تي
نيم پگهر ماچيس جي
تيلي هڙي
هلڪي چمڪ ڏيي، اُجهلي وڃي
ميڙ بتي گولهڻ جي ڪوشش ۾
لڳ پڳ
مون سڃو ماچيس ئي خالي ڪري ڇڏيو آهي
حيات جي دهليءَ ۾
خير ڪا تيلي بچي آهي.

□□□

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پَرک جو ماپو

پريل ميڙ ۾
مونکي،
منهنجي ئي رَت
منهنجي مُنهن تي ٽُکيو.
مون چپ چاپ ،
هيڏانهن هوڏانهن نهاري،
مُرکي چهرو اُگهي ڇڏيو
۽ گهر اچي
خوب رُنو.
پيار تَرک ڪري،
مون نفرت کي،
مُڪمل ڪرڻ جو جَتَن ڪيو.
منهنجي۽ محبت جي گَهِرائي۽ کي،
منهنجي حقارت جي قوت مان پَرکيو.

□□□

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڊائريءَ جا ورق

سالن کان پوءِ،
توسان ملي
ائين ٿو لڳي - جڙ
ورهيه اڳ پڙهيل ڪتاب
وري پڙهي رهيو آهيان - مگر
ساڳيو هوندي يي،
ساڳيو نٽو لڳي.

□

رنگ نہ - ليڪن
سُرهاڻ نہائيندي آهي
سُڪل گل جي پنکڙيءَ کي سِنگهي ڏس.

□□□

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

دانريءَ جا ورق

نوڪي ،
نوڪان جُدا ڪندڙ
صرف پيار آهي
پيار ڪي،
آرام بخش عزاب پي چيو ويو آهي
اُن آرام بخش عذاب پي تلاش ڪي
ديوانگي سڏيو ويو آهي
اُن ديوانگيءَ جا
داناهہ پي ديوانا آهن.

□

ٻيدي مان ڦُٽندي ئي
چوڪري هانگ ڏني
ءِ اعلان ڪيو
جي مان هانگ نہ ڏيندس
تہ سج نہ اُپرندو
'' اُهي مرغيون پل مُرکن
جي اهڙا ٻيدا لاهن. ''

□

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڊائريءَ جا ورق

جي ۽ تہ ڏاڍو ٿو ڪري
تہ دل کي،
ڏاڍو ڪري،
مَنُ ماري،
تو سان مُرڪي ملان
پر - وِڃ ڪٽڻ جي سَگھہ اڇڻ سان
اوچتو مِڙيل گھاءَ اُٽلي ،
پراڻي سفر جو داستان
ٻڌائڻ شروع ٿا ڪن.
□

منھنجي تنھائيءَ جي پَناھہ ۾
اُداسائي آھي
يا
اُداسائيءَ جي پَناھہ ۾ تَنھائي ؟
□

مان
جِن لمحن مان گذريو آھيان
جي لمحا مون مان گذريا آھن
ٻئي بند آھن -
پھريا - منھنجيءِ ڊائريءَ ۾
پويان - اِتھاس جي ورقن ۾.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڊائري ۽جا ورق

خيال هڪ جاءِ تي بيٺو رهيو
لفظ، اڳيان وڌندا ويا
رکجي، رکجي
مُڙي مُڙي
هڙ هڙ
خيال کان پڇندا رهيا،
آڃان اڳيان وڌان
يا
پويان موٽان؟
□

چاتي پٽي روڪندڙ
غم روغني لفظ
جڏهن،
بندش ۾ آيا،
جُملي ڪِلي ڏنو.
□

ڪڏهن ڪڏهن
ڏهن ۾
ڪو لفظ
چٽگون ڪي هري پوندو آهي
تہ خيالن جا
ڪئي پاڇا اُڀري
روشن ٿي پوندا آهن.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڊائريءَ جا ورق

درد،
ٿِهرو سوچڻ تي مجبور ٿو ڪري
يا
ٿِهري سو چ درد ٿي بخشي
ڪو ڊپ،
سوچ تي لاچار ٿو ڪري
يا،
ڪا سوچ،
ڊپ کي دعوت ٿي ڏئي؟
درد خود سوچ جي ٽيڪُنڊي ۾
هاءِ هيءَ زندگي.

ڪينرا پيرا وشواس
گُمان کي دَفنائي آيو،
ڪينرا پيرا، گُمان،
وشواس جي چڪيا کي
اَگني ڏيئي آيو،
هر دفعي،
مان ساڻن
”زندگي سنگ هئڻ“
چوندو پليان ويُس.
پر ...

ڊائريءَ جا ورق

در اصل
تون جنهن کي سمنڊ جو شور ٿو سمجهين،
سو،
چولي چوليءَ سناڻي جي،
اوچتي اُڃ آهي.
□
تون اُهو ڪُلهو ٿو ڳولهين
جنهن تي،
بندوق رکي گولي هلائي سگهين.
مان اُهو ڪُلهو ٿو ڳولهيان
جنهن تي ڪنڊ رکي
ٻه گوڙها هاري سگهان،
منهنجي هالهه ڇڏ،
تنهنجيءَ ڪاميابيءَ جي پَڪ آٿر.
□
گهوڙا،
گڏهن جي دوڙ تي
شرطون رکن،
سمجهي سگهجي ٿو
مگر،
گڏهن جون گهوڙن تي شرطون رکڻ !
ڪجهه سمجهه ۾ نه آيو !
□

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڊائريءَ جا ورق

ٽڪجي
هڪ آنڊي - ٻئي انڊي
هر سفر کان پڇيو
'اِهو ته ٻُڌاءِ
اسين صحيح دڳ تي آهيون نہ ؟
☐

وشواس جي سورج سان هلان ٿو
بي يقينيءَ جو پاڇو
مون سان گڏو گڏ هلي ٿو.
☐

غذب جو شور، دؤر جو ڏماکو ٻُڌي
ڪنهن چيو - خونخوار هجوم جو دنگو آهي
ڪنهن چيو - زلزلو ٿيو آهي
ڪنهن چيو - دشمن بم سان حملو ڪيو آهي
تون جيکر انهن مان
ڇا پسند ڪرين ؟
☐

نانگ

پنهنجي زهر تي
شرمندو آهي
ڪيلُ
پاڻي گهرڻ تائين زندهه رهيوا!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

باهر تي
چند چنڊن وجهڙ سان
جي سِسڪيون اُپرن ٽيون
سي ڪنهنجون آهن ؟
پاڻيءَ جون
يا
ٽانڊن جون ؟
□
لفظ خوشبودار آهن
ليڪن،
جملي مان
بدبوُ ٽي اچي !
□
جيئن،
تمام ٿورن لفظن ۾
گهٽو ڪجهه چوڻ
هڪ فن آهي
تيئن
تمام گهڻن لفظن ۾
ڪجهه نه چوڻ ئي
هڪ ڪلا.
□

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

بنا عُنوان

هنج ڪي ،
رهندو آهي ٻڪيو،
ڪانوَ لاءِ،
ڪاڏي جي ڪمي ڪانهي.
□

ويسهه جي ٻَڌي ماڻ،
وَهمن جون ڳرم نانگتايون
ضرورت کان وڌيڪ کائي،
زندگي ڊائيبيٽِڪ ٿي پيئي آهي.
هاڻي،
حقيقت جو زخم ڪيئن ڇُڻي؟
□

بنا عُنوان

اِنساني زڙ ڪانسواءِ
ٻيو هر آواز،
آسمان نوٽ ڪري ٿو.
□

خود کان ٻاهر نڪري
جڏهن پاڻ کي ڏسان ٿو
صاف نظر ٿو اچيئي
ته
اوڏهه ۾ ڪوراڙيون هڻي ٿو.
□

جيسين توکي يقين ٿئي- ته ...
روشنيءَ کان آندير و بهتر آ -
تيسين ...
ٽاڙجندو رهندين -
□

اُن سمي کي لِکيو ويو،
جڏهن دنيا جي هر ڪُنڊ ۾
خوُن ڙرابيءَ جون
باهيون ڏُکي رهيون هيون.
□

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

وقت ،
مون کي پوڙهو ڪري سگهي ٿو ،
مگر
پورو ڪري نٿو سگهي.
□
چُپ چاپ ويلو ڏس
تماشائي ٿي
ڪجهه ڪهندين اگر
ته
تماشو ٿي پوندين.
□
ڪانوَنِ باغ کي دانهن ڏني
ته، ڪوئل شور لائي،
ٻيلي T.
□

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڊائريءَ جا ورق

کير کير ماڻيءَ ياڻ. . . . . ـ

ائين ڪرڻ گان اڳ
سڀني اِهو سوچيو هوندو.
(۽ هاڻي پي سوچن تا)
خود پنهنجي لاءِ ۽ هاڃيءَ تي
ان ڪاريہ کي سڌلتا سان سماپت ڪرڻ بعد،
کين اهو پي فڪر ٿيو هوندو -
کِير، نجو کير
ڪَنهن کي ڏَنو وڃي.
۽ اهو نُڪتو پي
سندس سوچ کي وِلوڙيندو هوندو
تہ اڄ تائين
پاڻ کي کير پيارڻ واري ڏونگيءَ جو
ٻَڙ، رُتبي، معزرپڻي جو قلعو
ڪيڏو پختو ۽ بُلند آهي
هڪ.اور ويچار
اسين اَڄ نجو کير هضم ڪري سگهنداسين؟
اسين جو، صدين کان پاڻيءَ وارو کير ئي پيئندا رهيا
آهيون
چا، ان جو سوادُ ، راس ايندو؟
بس، سَمي جي نديءَ ۾ وَهندي وَهندي
اِهو وقت، سمنڊ سَرَ ٿي ويو آهي.
تُڪل جهاز جي تيل سان ملي
ڪارو ٿي ويو آهي
کِير کِير ڪرڻ- پاڻي پاڻ ڪرڻ جو وقت ...

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڊائريءَ جا ورق

اُنھن کان خبردار رھڻ
جي ڪنن سان ڏسڻ ٿا، ۽
اکين سان ٻڌن ٿا.

□

زندگيءَ جي،
ڪنھن نہ ڪنھن ڪُنڊ ۾
ھرڪو مُڪمل آھي، پر،
دکدائي چرچو اِھو آھي جو
مجبورُن،
پنھنجي ڌَرم رکڻ لئہ
اُتي ئي اسان کي
زندھہ ھڻڻ جو
سانگُ رچائڻو پَوي ٿو !

□

اِھو ، تہ مان ئي سمجھان ٿو
۽ تون ئي ٿو چاڻين
تہ ڏاند ۽ ڏيڏر جي وڙھہ ۾
جيڪَ ڪنھنجي ٿيڻي آھي

پوءِ ئي
تہ تہ ڏسون ھلي
ڪي پَلَ ڏيڏرُ
ڏاند کي نچائي ڪيئن ٿو.

□

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڊائريءَ جا ورق

وقت کي اِستعمال ڪر
نہ تہ،
وقت اِستعمال ڪندءِ
۽ پوءِ تون ڇ
صرف عمر جا سال ڏڪائڻ ڪانسواءِ
ٻيو ڪجھ ٿي،
ڏڪائڻ جوگو نہ رھندو.

□

ھر ڪنھن وٽ،
”ڇا ڇا آھي“
جي لسٽ ڪاڻ،
”ڇا ڇا ناھي“
جي لِسٽ وڏي آھي.

□

شاعري،
حالتن جي تقاضا نہ ڪندي آھي
حالتون،
شاعريءَ جي تقاضا ڪنديون آھن.

□

”جي حضوريءَ“
محل آڏيا
خود داري جھوپڙي ٿي
جوڙي نہ سگھي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مون کان وِسري ويو آ
ڪٽي-ڪهڙي خاني ۾
مون پنهنجي هوش، شعور،
فڪر کي رکيو آهي.
ياداشت ۾
دوست ۽ دُشمن وانگر
ائين اوچتو دوکو ڏيندي آ
اِن جي ڪَلَ اَڄُ ۾ئي اَٿم.
اَهم، ضروري دستاويز - فائيلون
پنهنجي شخصي دائري محفوظ
رکڻ وارا هنڌ
ڳولهي وري ڳولهيا آٿم
پنو، پنو ڪري،
وري اُٿلائي جاچيا آٿم
هينئر
خالي خالي دل ۽ دماغ سان
خالي خالي آسمان ويٺو تڪيان
هڪ خاليپڻو،
ٻئي خاليپڻي کي تَڪي ٿو
اڄ مون کي
پنهنجو وجود ائين ٿو پاسجي
جيئن، پُر شور ۽ غُل مهانگر ۾
هڪ، پليل، پِٽڪيلُ بار. □□□

بنا عنوان

انڌيري ۾ ڏسڻ جو فن سکي ونبو
سياڻي جو فسانو اڄ لکي ونبو

ڏبو باروڊي هن تهذيب کي مُنهن ۾
ڏونڪن باهِن ڏماکن کان سان، پُڄي ونبو

آسان تي ڏوهه اسان جي آ ڪنڊرجڻ جو !
جڙڻ خاطر اِهو پي زهر پي ونبو

مڃيوسين آ هي ڇڪ ڇڪهه آ، مگر دل جهل
تمنائن جي چولي کي سُبي ونبو

دسي ڏک ڏوڙ زخم-ي-دل نه تون دل لاه
تو لئه ڪجهه وقت هل هل ڪڍي ونبو.

□□□

جڳ جي نگهه ۽ سوچ کان
پنهنجي اندر جي نِجي آحساس کي
بِنهه آڇو رک
نه ته،
ٻاهران جيئرو لڳندين.
اندران مرندو ويندين

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تون ....

تون
آيتن تان اُتريِ اَچُ
مان
سَلوڪن جو سات چڏيان -
آءُ
شيلف مان
وَهندڙ درياهُ ڪيون.
اسان جي سوچ مان سُرهاڻ
ڪڏهڪو لَڏي وَئي آ
هاڻي ته بدبوءُ ۾
دم گھٽجڻ لڳو آ.
اَچُ ته ،
وهنجي خوشبوئدار ٿيون
سُر ڪلياڻ جي گھاٽ تان گھِرون
سُر پرياتي جي ساحل تي لھون.

تون
آيلن تان اُتريِ آءُ
مان
....
....

□□□

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

بنا عنوان

ڪيترا پيرا
وشواس
گُمان کي دفنائي آيو،
ڪيترا پيرا،
گُمان
وشواس جي چِڪيا کي
اَڳني ڏئي آيو،
هر دفعي،
مان ساڻن
”زندگي سَنگ هئہ“
چوندو پنيان وِيُس.
پر ..
ڪوئي پي ڪنهنکي،
مڪمل طرح دفنائي نہ سگهيو،
پوري ريت چِڪيا تي چاڑهي ساڙي نہ سگهيو،
جو هر بار شمشان تان
موٽندي
مون ڏٺو،
اُنهن مان هڪ
هوٽيي تي - جيئن جو تيئن ڪڙو هئو
اسان جي آڇيان لاءِ.

□□□

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

بنا عنوان

مان،
تہ هلکو ڪَڪُ آهيان.
واءُ،
منهنجيءَ مرضيءَ خلاف
تنهنجيءَ اَڪ ۾ اُڇليو اَٿم.

□

سوچ،
تون ڇاتو سوچين؟
سوچ،
تون ڪهڙي قسم جو آدمي آهين.

□

آتما کي
ساڙي نٿو سگهجي
ٻوڙي نٿو سگهجي
ماري نٿو سگهجي
- مگر -
آتما کي،
وِشَطي تہ سگهجي ٿو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

بنا عنوان

”جي حضوريءَ“
محل آڏيا
خودداري
جھوپڙي يي
جوڙي نہ سگھي.

□

اُنھن کان خبردار رھہ
جي ڪنن سان ڏِسن تا
۽
آکين سان ٻُڌن تا.

□

زندگيءَ جي، ڪنھن نہ ڪُنڊ ۾
ھرڪو مُئل آھي
پر،
ڏُکدائي چرچو اِھو آھي جو مجبورن،
پنھنجي پرم رکڻ لاءِ
اُنيي يي اسان کي
زندھہ ھڻڻ جو سانگ رچائڻو پوي ٿو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

بنا عنوان

اِنساني رڙ کانسواءَ،
ٻيو هر آواز،
آسمان نوٽ ڪري ٿو.

□

خود کان ٻاهر نڪري
جڏهن ٻاڦ کي ڏسان ٿو
صاف نظر ٿو اچي
ته،
اوندهه ۾ هٿوراڙيون هٽان ٿو.

□

آتما کي
ساڙي نٿو سگهجي
ٻوڙي نٿو سگهجي
- مگر -
آتما کي،
وڪڻي ته سگهجي ٿو.

□

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

بنا عنوان

هنس ڀي ،
رهندو آهي ٻڪيو ،
ڪانوَ لاءِ ،
ڪاڏي جي ڪڏهن ڪانهي.

□

هر مسيحا جي نصيب ۾ ،
صليب آهي.
هر صليب جي ياڳ ۾
مسيحا ڪونهي.

□

ويسٿم جي ٻلي ۽ مان ،
وَهمَن جون گرم نانڪتايون
ضرورت کان وڌيڪ کائي ،
زندگي ڊائبيٽڪ ٿي پئي آهي.
ڀاڻي
حقيقت جو زخم ڪيئن ڇُڻي ؟

□

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

بنا عنوان

وقت کي اِستعمال ڪر
نہ تہ
وقت اِسمال ڪندُءِ
ءِ پوءِ تون ڀر
صرف عمر جا سال ڇڏائڻ کانسواءِ
ٻيو ڪجھ ڪي،
ڇڏائڻ جوڳو نہ رھندو.

□

شاعري ،
حالتن جي تقاضا نہ ڪندي آھي
حالتون،
شاعريءَ جي تقاضا ڪندِيون آھن.

□

فرشتا،
خودڪشيءَ کان واڪجھيل آھن
اسين اِنسان
ڪيڏو نہ
خوش نصيب آھيون.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سنمان

سالن کان
اُس ۾ سڙندڙ درخت
خاموش رهي
آخر داڻهن ڪئي
”ڪنهن ٻي
راهگير،
ڪو ٻَڌُ،
هتي ويهي،
ٿڪ پيچي منهنجي ڇانوَ جو
سَنمان نه ڪيو .“

□□□

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

نہ ڪري سگھندين

سڄ ڪي خريد ڪري نہ سگھندين
اُس، اوڏر تي مِلندءِ
چنڊُ، ڳنھڻ کان دوُرآھي
سِتارن جي ٽِمر ٽِمر
ڪو پھر پاڻ وٽ رکي سگھندين
سمنڊ کي ھٿ ڪرڻ جي نہ سوچجانءِ
لھرن کي قسطن ۾ ڇُھي سگھندين
پربت جي بُلنديءَ ۽ عظمت جي
ڳالھہ نہ ڪر
اُتان ھيٺ لھندڙ نھر کي موڙي سگھندين

□□□

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪڏهن ٿي ....

مان
ڪڏهن ٿي،
پورن ريت
خود کي هڪ جاءِ سميٽي
جيئرو
رهي نہ سگهيو آهيان
جي
نہ سگهيو آهيان
ٻن ٻن حالتن
وقت بہ وقت
مونکي ٽوڙي
مون کان ڪجھ نہ ڪجھ
اَلڳ ڪيو آهي
هڪ حالت ۾
سمپورڻ ريت
مڪمل ريت
رهي سگهندس
پوءِ-ڪا بہ حالت
مون کان
ڪجھ ٿي
ڇڏائي نہ سگهندي
اوم شانتي-اوم شانتي-اوم شانتي.

□□□

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

صفحو نمبر	بيت نمبر	جبيل	پڙهو
۱۰	۱۲	ڪنوايا	هي ٻي ڪوبنا آهي...
۹۰	۱۰-۱۱	محفوز	محفوظ
۱۶۰	۱۵	فوٽنري	فيٽگنري
۲۷۰	۱۳	ال	اَڳ
۲۹۰	۳-۷	آيو	آيا
۳۱۰	۲۰	ود	وڌ
۳۶۰	۲	وڻ رکجي لو.	وري رکجي لو
۳۶۰	۷	ڏک	ڏُڻ
۳۶۰	۱۰	ٽون وچ	ٽون ڇڪ وچ
۵۳۰	۱۱	جا پواد	جا پوجاري
۵۳۰	۶	ڪود ڪان	ڪود ڪان
۷۸۰	۱۳	هوندو آهي	هوندو آڻن
۹۵۰	۵	عزاب	عذاب
۹۹۰	۱۵	ڏوڙ	ڏوڙ
۱۰۰۰	۱	غدب	غصب
۱۰۹۰	۱۰	هل هل	هل هل ڪان
۱۱۱۰	آخرين بيت	آڇيان	آڇيان

ڪي رچنائون ڏُهرائجي ويون آهن
۽ ڪي غزل ڇڏ ڪان شامل آهن.
معافي طلب آهيون.

□□□

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com



مولچند نهالاٹي، هڪ اَدب نواز ۽ حساس دل واري شخصيت، جذباتي، خوش مزاج ۽ آشاوادي. ڪيس سنڌيٰ هولي ۽ ساهتيہ جي هُٽ تي پڪو وشواس آهي- ڪنهن پي قلمڪار ۾ ٽوري تخليقي قوت جي چمڪ ڏسي، تہ ڪيس همٽاني- نہ صرف همٽاني پر ڪيس اِن ڏَس ۾ مدد جو هٿ پي ڏِڳهيريندو.

ڪوشش ڪري، هر اَدبي محفل ۾ شرڪت ڪندو آهي. اِها سندس هڪ اهر مشغولي آهي.

سنڌي ڪوي سيا، ٽاٽا جي اَديب ميمبرن کي، موتين وانگر مالها ۾ پِروني رکڻ ۽ وقت پٽي پنهنجن ميمبرن سان گڏ سنڌي مشاعرن جون محفلون ماڻيندو آهي. ٦ مهنا اڳ ني پنهنجن ساٿين جي گڏيل پيشڪش " ساحل " گُلدستي جي اشاعت ۽ وري هيننر، منهنجو ني، هي اِنتخاب روشنيءَ جي تلاش، جيڪو توهان جي هٿن ۾ آهي، سڀ هن جي ني بدولت.

ايڙ. ڪمل

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سنڌ سلامت

www.sindhsalamat.com

سنڌ سلامت جو مشن ۽ مقصد سنڌي پوليءَ جي ڊجيٽلائيزيشن ۽ پکيڙ کي وسيع ڪرڻ آهي ۽ پڙ دنيا سان گڏ سندس رفتار سان هلڻ جو سانباهو آهي، جو تہ تاريخ هميشہ انهن قومن جو احترام ڪيو آهي جن پنهنجي علمي سرمائي جي حفاظت ڪئي آهي. سنڌ سلامت پڙ پنهنجي پوليءَ جي بقاء خاطر سنڌي پوليءَ ۾ لکيل قيمتي ۽ نايابورثي کي ضايع ٿيڻ کان بچائڻ ۽ ان کي نہ رڳو محفوظ رکڻ پر پنهنجي اديبن، ليکڪن، محققن ۽ شاعرن جي علم، هنر ۽ تخليقن کي ڊيجيٽلائيز ڪندي دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ موجود سنڌين تائين مفت ۾ آسانيءَ سان پهچائڻ جو عزم ڪيو آهي.

اسان جي خواهش هئي تہ سنڌي مواد تي مشتمل هڪ اهڙو ڪتاب گهر قائم ڪجي جتي هر موضوع تي مشتمل ڪتاب موجود ملن. ڪتابن کي ڳولڻ ۽ ڊائونلوڊ ڪرڻ آسان هجي ۽ اينڊرائيڊ سميت آئي فون يا ونڊوز آپريٽنگ سسٽم سميت هر قسم جي ڊوائيس تي آساني سان آن لائين پڙ پڙهي سگهجي.

۽ اهو سڀ "سنڌ سلامت ڪتاب گهر" ذريعي ئي ممڪن ٿي سگهيو. اميد تہ سنڌ سلامت ڪتاب گهر ذريعي سموري دنيا ۾ موجود سنڌي نہ صرف پرپور لاپ حاصل ڪندا پر سنڌ سلامت ڪتاب گهر کي وڌيڪ فائديمند بنائڻ لاءِ پنهنجو پورو ساٿ نياڻيندا.

books.sindhsalamat.com

سنڌ سلامت ڪتاب گهر جي اينڊرائيڊ اپليڪيشن پلي اسٽور جي هن لنڪ تان ڊائونلوڊ ڪريو:

https://play.google.com/store/apps/details?id=com.sindhsalamat.book